القرآن الكريم

بامحاوره ترجمو

حضرت مولانا تاج محمود امروٽي رحمه الله


لفظي ترجمو

حضرت مولانا عبدالڪريم قريشي رحمه الله

پير شريف



Maktaba Tul Ishaat



تمام فنون کے کتب ہمارے ویب سائٹ اور پلے سٹور سے فری ڈاون لوڈ کریں۔ ہم روزانہ کی بنیاد پر اس میں مزید نئے کتب شامل کر رہے ہیں نئے شامل شدہ کتب لیے روزانہ ہمارے پلے سٹور اور ویب سائٹ کو باقاعدگی سے چیک کیا کریں۔

اپنی کتاب کو ہمارے ویب سائٹ پر شائع کرنے کے لیے رابطہ کریں

تفاسیر	خطبات	منطق
احایث	سیرت	معانی
فقہ	تاریخ	تصوف
سوانح حیات	صرف	تقابل ادیان
درس نظامی	نحو	تجوید
لغت	فلسفہ	نعت
فتاوی	حکمت	تراجم
اصلاحی	بلاغت	تبلیغ و دعوت
آڈیو دروس	مناظرے	تمام فنون

maktaba.tul.ishaatofficial@gmail.com

وَمَا لِيَ لَآ اَعْبُدُ الَّذِيْ فَطَرَنِيْ وَ اِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٢٢﴾ ءَ اَتَّخِذُ

۽ ڇاهي مونکي جو نہ بندگي ڪريان ان ذات جي جنهن پيدا ڪيو مونکي ۽ انهي ڏانهن موٽايا ويندؤ. ڇا بڻايان مان

۽ مون کي ڇا (ٿيو) آهي؟ جو انهيءَ (الله) جي عبادت نہ ڪريان، جنهن مون کي پيدا ڪيو ۽ (اوهين بہ) ڏانهس موٽايا ويندؤ. اُن کان سواءِ

مِنْ دُوْنِهٖٓ اٰلِهَةً اِنْ يُّرِدْنِ الرَّحْمٰنُ بِضُرٍّ لَّا تُغْنِ عَنِّيْ شَفَاعَتُهُمْ

انهي کان سواءِ ٻيا مالڪ جو جيڪڏهن گهري مون لاءِ رحمان ڪو نقصان تہ نہ ٽاريندي مونکان پارت انهن جي

ٻيا معبود وٺان ڇا؟ جيڪڏهن ٻاجهارو (الله) مون کي ڏک پهچائڻ گهري تہ انهن جي شفاعت مون کان ڪجهہ (بہ ڏک) نہ ٽاريندي ۽ نڪي (اُهي)

شَيْـًٔا وَّلَا يُنْقِذُوْنِ ﴿٢٣﴾ اِنِّيْٓ اِذًا لَّفِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٤﴾ اِنِّيْٓ اٰمَنْتُ

ڪجهہ بہ ۽ نڪي اهي ڇڏائيندم. بيشڪ مان ان وقت هوندس گمراهي پڌري ۾. مان ايمان آندو

مون کي ڇڏائيندا. (جي ائين ڪندس تہ) بيشڪ آءٌ انهيءَ مهل پڌريءَ گمراهيءَ ۾ هوندس. بيشڪ مون اوهان جي پالڻهار تي ايمان آندو آهي،

بِرَبِّكُمْ فَاسْمَعُوْنِ ﴿٢٥﴾ قِيْلَ ادْخُلِ الْجَنَّةَ ؕ قَالَ يٰلَيْتَ قَوْمِيْ

توهان جي رب تي پوءِ ٻڌو مون کان. حُڪم ٿيس هل جنت ۾، چيائين ڪاش قوم منهنجي

پوءِ مون کان ٻڌو!. (اِن چوڻ تي ڪيس شهيد ڪيائون). چيو ويس تہ بهشت ۾ گهڙ! چيائين هئہ ارمان! (جيڪر) منهنجي

يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٦﴾ بِمَا غَفَرَ لِيْ رَبِّيْ وَجَعَلَنِيْ مِنَ الْمُكْرَمِيْنَ ﴿٢٧﴾ وَمَآ

ڄاڻي ها. ان ڪي جو بخشيو مونکي رب منهنجي ۽ ڪيائين مونکي عزت وارن مان. ۽ نہ

قوم ڄاڻي ها!. تہ ڇا جي ڪري منهنجي پالڻهار مون کي بخشيو ۽ مون کي سڳورن مان

اَنْزَلْنَا عَلٰى قَوْمِهٖ مِنْۢ بَعْدِهٖ مِنْ جُنْدٍ مِّنَ السَّمَآءِ وَمَا كُنَّا

لاٿو اسان ان جي قوم تي ان کان پوءِ ڪو لشڪر آسمان کان ۽ نڪي آهيون

ڪيائين. ۽ ڪانئس پوءِ سندس قوم تي آسمان کان ڪو لشڪر نہ لاٿوسون ۽ نڪي (لشڪر)

مُنْزِلِيْنَ ﴿٢٨﴾ اِنْ كَانَتْ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَاِذَا هُمْ خٰمِدُوْنَ ﴿٢٩﴾

لاهيندڙ. رڳو هئي هڪل هڪڙي پوءِ اوچتو اهي اجهامي ويا.

لاهيندڙ آهيون. (سندن سزا) رڳو هڪ سخت رڙ هئي، پوءِ انهيءَ (ئي) دم اهي (ٻاهہ وانگر) وسامي (مري) ويا.

يٰحَسْرَةً عَلَى الْعِبَادِ ۚ مَا يَاْتِيْهِمْ مِّنْ رَّسُوْلٍ اِلَّا كَانُوْا بِهٖ

هاءِ افسوس ٻانهن تي، نہ آيو انهن وٽ ڪو رسول جنهن تي اهي ٺوڪون

ٻانهن تي ارمان آهي! (جو) وٽن ڪو (بہ اهڙو) پيغمبر نہ آيو، جنهن سان ٺٺوليون نہ ٿي ڪيائون.

يَسْتَهْزِءُوْنَ ﴿٣٠﴾ اَلَمْ يَرَوْا كَمْ اَهْلَكْنَا قَبْلَهُمْ مِّنَ الْقُرُوْنِ اَنَّهُمْ

نہ ڪندا هجن. ڇا نہ ڏٺائون تہ ڪيتريون ئي تباهہ ڪيون سين انهن کان اڳ پيڙهيون جو اهي

نہ ڏٺو اٿن ڇا؟ تہ، ڪانئن اڳ ڪيترائي (ماڻهن جا) طبقا ناس ڪياسون (جو) اهي اِنهن ڏانهن

وقف غفران

ع ٢

اِلَيْهِمْ لَا يَرْجِعُوْنَ ﴿٣١﴾ وَاِنْ كُلٌّ لَّمَّا جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ ﴿٣٢﴾ وَ
انهن ڏانهن نه ٿا موٽن. ۽ ناهن سمورا مگر مڙيوئي اسان وٽ حاضر ڪيل آهن ۽
موٽي نه ٿا اچن. ۽ جيڪي به آهن، سي سڀ اسان وٽ حاضر ڪبا. ۽ هڪ نشاني انهن

اٰيَةٌ لَّهُمُ الْاَرْضُ الْمَيْتَةُ ۚۖ اَحْيَيْنٰهَا وَاَخْرَجْنَا مِنْهَا حَبًّا فَمِنْهُ
نشاني آهي انهن لاءِ زمين غير آباد، جياريوسون انکي ۽ ڪڍيوسون ان مان اناج پوءِ انهي مان
(جي جيئارڻ) لاءِ مئل زمين آهي، جنهن کي جياريوسون ۽ منجهانئس (اَن جا) داڻا ڪڍياسون، جو ان مان

يَاْكُلُوْنَ ﴿٣٣﴾ وَجَعَلْنَا فِيْهَا جَنّٰتٍ مِّنْ نَّخِيْلٍ وَّاَعْنَابٍ وَّفَجَّرْنَا
اهي کائن ٿا. ۽ بنايا سون ان ۾ باغ کجين ۽ انگورن جا ۽ جاري ڪياسون
کائيندا آهن. ۽ منجهس ڪجورن ۽ انگورن جا باغ پيدا ڪياسون ۽ انهن (باغن) ۾

فِيْهَا مِنَ الْعُيُوْنِ ﴿٣٤﴾ لِيَاْكُلُوْا مِنْ ثَمَرِهٖ ۙ وَمَا عَمِلَتْهُ اَيْدِيْهِمْ ۖ
انهي ۾ چشما. جيئن کائن ڦل ان جو ۽ جيڪي ڪمايو انهن جي هٿن،
ڪي چشما وهاياسون. (هن لاءِ) ته سندس ميوي مان کائيندا رهن ۽ انهن (ميون) کي سندن هٿن نه بڻايو آهي.

اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٣٥﴾ سُبْحٰنَ الَّذِيْ خَلَقَ الْاَزْوَاجَ كُلَّهَا مِمَّا تُنْۢبِتُ
ڇا پوءِ نه ٿا شڪر ڪن؟ پاڪ آهي اها ذات جنهن پيدا ڪيو جنسن سڀني کي انهي کان جو ڄمائي ٿي
پوءِ ڇو نه شڪرانو ڪندا آهن؟ اُهو (الله)، پاڪ آهي، جنهن اُها شيءِ جيڪا زمين ڄمائيندي آهي سا ۽ سندن جيئن مان

الْاَرْضُ وَمِنْ اَنْفُسِهِمْ وَمِمَّا لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٣٦﴾ وَاٰيَةٌ لَّهُمُ الَّيْلُ ۚۖ
زمين ۽ خود ماڻهن مان ۽ انهن شين مان جنکي اهي نه ٿا ڄاڻن. ۽ نشاني آهي انهن لاءِ رات،
۽ جيڪي (شيون) نه ڄاڻندا آهن، تن مان سڀني جنسن کي جوڙو جوڙو (ڪوڙو ۽ ملو نر ۽ مادي) پيدا ڪيو. ۽ انهن لاءِ هڪ نشاني رات آهي،

نَسْلَخُ مِنْهُ النَّهَارَ فَاِذَا هُمْ مُّظْلِمُوْنَ ﴿٣٧﴾ وَالشَّمْسُ تَجْرِيْ لِمُسْتَقَرٍّ لَّهَا ۭ
ڇڪي ڪيون ٿا ان کان ڏينهن کي پوءِ اوچتو اهي اونده ۾ آهن. ۽ سج هلي ٿو پنهنجي ٺهيل رستي تي،
(جو) اُن مان ڏينهن کي ڇڪي ڪيندا آهيون، پوءِ اُنهيءَ مهل اهي اونداهيءَ ۾ رهندا آهن. ۽ سج پنهنجي ٽڪاءَ جي جاءِ تي پيو هلندو آهي،

ذٰلِكَ تَقْدِيْرُ الْعَزِيْزِ الْعَلِيْمِ ﴿٣٨﴾ وَالْقَمَرَ قَدَّرْنٰهُ مَنَازِلَ حَتّٰى عَادَ
اها آهي جوڙجڪ زبردست علم رکندڙ جي، ۽ چنڊ جون مقرر ڪيون سين منزلون نيٺ وڃي ٿئي ٿو
اِهو غالب (الله) جو اندازو (ٺهرايل) آهي. ۽ چنڊ لاءِ منزلون مقرر ڪيون سون تان جو پراڻي کجيءَ جي

كَالْعُرْجُوْنِ الْقَدِيْمِ ﴿٣٩﴾ لَا الشَّمْسُ يَنْۢبَغِيْ لَهَآ اَنْ تُدْرِكَ الْقَمَرَ
جهڙي مڙيل ٽڻي پراڻي نه سج کان ٿيندو جو پهچي چنڊ کي
(سُڪل) ڇڙهيءَ وانگر وري (ڏنگو) ٿيندو آهي. نڪي سج کي چنڊ جي پهچڻ جي (ڪا) مجال آهي

وَلَا الَّيْلُ سَابِقُ النَّهَارِ ؕ وَكُلٌّ فِيْ فَلَكٍ يَّسْبَحُوْنَ ﴿٤٠﴾ وَاٰيَةٌ لَّهُمْ
۽ نڪي رات اڳرائي ڪندي ڏينهن تي، ۽ سڀئي پنهنجي مدار ۾ گردش ٿا ڪن. ۽ نشاني آهي انهن لاءِ
۽ نڪي رات (سج لهڻ کان اڳ) ڏينهن تي اڳرائي ڪندڙ آهي ۽ (سج ۽ چنڊ ۽ تارن مان) هرهڪ آسمان ۾ پيو هلندو آهي. ۽ انهن لاءِ هڪ نشاني

اَنَّا حَمَلْنَا ذُرِّيَّتَهُمْ فِي الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿٤١﴾ وَخَلَقْنَا لَهُمْ مِّنْ مِّثْلِهٖ
ته اسان کنيو انهن جي نسل کي ٻيڙي ڀريل ۾، ۽ پيدا ڪيون اسان انهن لاءِ ان جهڙيون
(هيءَ به) آهي، جو اسان سندن اولاد کي ڀريل ٻيڙيءَ ۾ کنيو. ۽ انهن لاءِ ان (ٻيڙيءَ) جهڙيون (ٻيون سواريون به) بڻايون سون جن تي سواري ڪندا آهن.

مَا يَرْكَبُوْنَ ﴿٤٢﴾ وَاِنْ نَّشَاْ نُغْرِقْهُمْ فَلَا صَرِيْخَ لَهُمْ وَلَا هُمْ يُنْقَذُوْنَ ﴿٤٣﴾
جن تي سوار ٿين ٿا. ۽ جيڪڏهن اسان گهرون ته ڪين ٻوڙيون پوءِ نه ڪو واهرو انهن جو ۽ نڪي اهي ڇڏايا ويندا.
۽ جيڪڏهن گهرون ته کين ٻوڙي ڇڏيون، پوءِ انهن لاءِ ڪو دانهن ورنائڻ وارو نه ٿئي ۽ نڪي اهي ڇڏائبا. پر پاڻ

اِلَّا رَحْمَةً مِّنَّا وَمَتَاعًا اِلٰى حِيْنٍ ﴿٤٤﴾ وَاِذَا قِيْلَ لَهُمُ اتَّقُوْا مَا
پر رحمت اسان جي ۽ فائدو ڪجهه وقت تائين. ۽ جڏهن چيو ويو انهن کي ڊڄو ان کان جو
وٽان ٻاجهه ڪئي سون ۽ هڪ وقت تائين (اهي) آسودا ڪياسون. ۽ جڏهن کين چئبو آهي ته انهيءَ (عذاب) کان ڊڄو جيڪو

بَيْنَ اَيْدِيْكُمْ وَمَا خَلْفَكُمْ لَعَلَّكُمْ تُرْحَمُوْنَ ﴿٤٥﴾ وَمَا تَاْتِيْهِمْ مِّنْ
توهان جي اڳيان آهي ۽ جو توهانجي پٺيان آهي ته من توهان رحم ڪيا ٿيو. ۽ نه ايندي هئي انهن وٽ
اوهان جي اڳيان ۽ اوهان جي پٺيان (اچڻو) آهي ته من اوهان تي ٻاجهه ڪجي. ۽ سندس پالڻهار جي نشانين مان

اٰيَةٍ مِّنْ اٰيٰتِ رَبِّهِمْ اِلَّا كَانُوْا عَنْهَا مُعْرِضِيْنَ ﴿٤٦﴾ وَاِذَا قِيْلَ
ڪا نشاني نشانين مان سندن رب کان مگر هئا ان کان منهن موڙيندڙ. ۽ جڏهن چيو ويو
ڪائي (اهڙي) نشاني وٽن نه ايندي آهي، جنهن کان (هو) منهن موڙيندڙ نه هوندا آهن. ۽ جڏهن کين چئبو آهي

لَهُمْ اَنْفِقُوْا مِمَّا رَزَقَكُمُ اللّٰهُ ۙ قَالَ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا لِلَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا
انهن کي ته خرچ ڪريو ان مان جيڪي ڏنو آهي توهانکي الله، چيو جن ڪفر ڪيو انهن کي جن ايمان آندو
ته جيڪي الله اوهان کي رزق ڏنو آهي، تنهن مان خرچيو، (تڏهن) ڪافر مؤمنن کي چوندا آهن

اَنُطْعِمُ مَنْ لَّوْ يَشَآءُ اللّٰهُ اَطْعَمَهٗٓ ۖ اِنْ اَنْتُمْ اِلَّا فِيْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٤٧﴾
ڇا ڪارايون اسين انکي جي گهري ها الله ته ڪارائي ها انهي کي؟ ناهيو توهان مگر گمراهي پڌري ۾.
ته اهڙي کي ڇو ڪارايائون؟ جو جيڪڏهن الله گهري ها ته کيس ڪارائي ها! اوهين رڳو پڌريءَ گمراهيءَ ۾ آهيو.

وَيَقُوْلُوْنَ مَتٰى هٰذَا الْوَعْدُ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿٤٨﴾ مَا يَنْظُرُوْنَ
۽ چون ٿا ڪڏهن ٿيندو اهو موقعو جيڪڏهن آهيو اوهين سچ چوندڙ. نه ٿا انتظار ڪن
۽ چوندا آهن ته جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته اهو انجام ڪڏهن (پورو) ٿيندو؟. اهي رڳو هڪ سخت آواز جو

إِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً تَأْخُذُهُمْ وَهُمْ يَخِصِّمُوْنَ ﴿٤٩﴾ فَلَا يَسْتَطِيْعُوْنَ
مگر هڪل هڪڙي جو سا پڪڙيندي انهن کي ۽ اهي پاڻ ۾ وڙهندا هوندا. پوءِ نه ڪري سگهندا
انتظار ڪندا آهن. جو اهو انهيءَ حالت ۾ کين (اوچتو) پڪڙيندو جو اهي جهڳڙو ڪندا هوندا. پوءِ (اهي) نڪي وصيت

تَوْصِيَةً وَّلَآ إِلٰٓى أَهْلِهِمْ يَرْجِعُوْنَ ﴿٥٠﴾ ع وَنُفِخَ فِى الصُّوْرِ فَإِذَا هُمْ ع ٣ ٢
جو ڪجهه وصيت ڪرڻ ۽ نڪي پنهنجي عيال ڏانهن واپس ٿيندا. ۽ ڦوڪ ڏبي ڪرناءِ ۾ پوءِ اوچتو اهي
ڪري سگهندا ۽ نڪي پنهنجي گهروارن ڏانهن موٽي سگهندا. ۽ صور ۾ ڦوڪبو پوءِ اهي اُتي جو اتي

مِّنَ الْأَجْدَاثِ إِلٰى رَبِّهِمْ يَنْسِلُوْنَ ﴿٥١﴾ قَالُوْا يٰوَيْلَنَا مَنْۢ بَعَثَنَا مِنْ
قبرن مان نڪري پنهنجي رب ڏانهن ڊوڙندا. چوندا هاءِ مصيبت ڪنهن اٿاريو اسان کي پنهنجي
پنهنجي پالڻهار ڏانهن قبرن مان ڊوڙندا. چوندا ته، اسان لاءِ ويل آهي! اسان کي اسان جي سمهڻ جي جاءِ (قبرن) مان ڪنهن

مَّرْقَدِنَا ۜ سكتة هٰذَا مَا وَعَدَ الرَّحْمٰنُ وَصَدَقَ الْمُرْسَلُوْنَ ﴿٥٢﴾ إِنْ كَانَتْ وقف لازم وقف غفران وقف منزل
ننڊ وارين جاين مان، اجهو هي وعدو آهي رحمان جو ۽ سچ چيو هو رسولن. نه هوندي
اٿاريو؟ (ملائڪ چوندا هائو!) هيءُ اهو آهي، جيڪو ٻاجهاري (الله) انجام ڏنو هو ۽ پيغمبرن سچ چيو هو.

إِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً فَإِذَا هُمْ جَمِيْعٌ لَّدَيْنَا مُحْضَرُوْنَ ﴿٥٣﴾ فَالْيَوْمَ
مگر هڪل هڪڙي پوءِ اوچتو اهي سمورا اسان وٽ حاضر ڪيا ويندا. پوءِ اڄ
(اهو واقعو) رڳو هڪ سخت رڙ هوندي، پوءِ اهي اُتي گڏ ڪري اسان وٽ حاضر ڪيا ويندا. پو اڄ

لَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْـًٔا وَّلَا تُجْزَوْنَ إِلَّا مَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ﴿٥٤﴾ إِنَّ
نه ظلم ٿيندو ڪنهن سان ڪجهه به ۽ نه ٿي بدلو ملندو توهان کي مگر جيڪي توهان ڪندا هئا. بيشڪ
ڪنهن جيءَ تي ڪجهه به ظلم نه ڪبو ۽ جيڪي ڪندا هيو، رڳو ان جو اوهان کي بدلو ڏبو. بيشڪ،

أَصْحٰبَ الْجَنَّةِ الْيَوْمَ فِىْ شُغُلٍ فٰكِهُوْنَ ﴿٥٥﴾ ج هُمْ وَأَزْوَاجُهُمْ فِىْ ظِلٰلٍ
بهشت وارا اڄ شغل ۾ خوش هوندا. اهي ۽ سندن زالون پاڇن ۾
بهشتي اڄ مزن ماڻڻ ۾ مشغول هوندا. اهي ۽ سندن زالون ڇانون ۾ پلنگن تي

عَلَى الْأَرَآئِكِ مُتَّكِـُٔوْنَ ﴿٥٦﴾ لَهُمْ فِيْهَا فَاكِهَةٌ وَّلَهُمْ مَّا يَدَّعُوْنَ ﴿٥٧﴾ صلے ج
پلنگن تي ٽيڪ ڏيو ويٺا هوندا. انهن لاءِ اتي ميوا هوندا ۽ انهن لاءِ آهي جيڪي گهرندا.
ٽيڪ ڏيئي ويهندڙ هوندا. انهن لاءِ بهشت ۾ ميوا آهن ۽ جيڪي گهرندا سو (ٻاڻ) انهن لاءِ آهي. چيو ويندو ته،

سَلٰمٌ ۣ قَوْلًا مِّنْ رَّبٍّ رَّحِيْمٍ ﴿٥٨﴾ وَامْتَازُوا الْيَوْمَ أَيُّهَا الْمُجْرِمُوْنَ ﴿٥٩﴾
سلام چيو ويندن رب مهربان طرفان. ۽ ڌار ٿيو اڄ اي ڏوهاريو.
پالڻهار مهربان (الله) کان (اوهان تي) سلام هجي! ۽ (چونداسون ته) اي گنهگارو! اڄ (نيڪن کان) جدا ٿيو.

أَلَمْ أَعْهَدْ إِلَيْكُمْ يٰبَنِيٓ ءَادَمَ أَن لَّا تَعْبُدُوا الشَّيْطٰنَ ۖ إِنَّهُۥ لَكُمْ
چا نہ چيبو هو مون | توهان کي | اي اولاد | آدم جي | تہ | نہ | عبادت ڪجو | شيطان جي، | بيشڪ اهو | توهان جو
اي آدم جا اولاد! اوهان ڏانهن پيغام نہ موڪليو هيم ڇا؟ تہ، شيطان کي نہ پوڄجو. جو بيشڪ اهو

عَدُوٌّ مُّبِينٌ ﴿٦٠﴾ وَّأَنِ اعْبُدُونِي ۚ هٰذَا صِرَاطٌ مُّسْتَقِيمٌ ﴿٦١﴾ وَلَقَدْ
دشمن | پڌرو آهي. | ۽ | عبادت ڪريو منهنجي، | هيءُ | رستو | سڌو آهي. | ۽ اهو ڪاري
اوهان جو پڌرو ويري آهي. ۽ تہ منهنجي عبادت ڪجو. (جوڳو) اها سڌي واٽ آهي. ۽ بيشڪ

أَضَلَّ مِنكُمْ جِبِلًّا كَثِيرًا ۖ أَفَلَمْ تَكُونُوا تَعْقِلُونَ ﴿٦٢﴾ هٰذِهِۦ جَهَنَّمُ
ويو آهي | توهان جا | ماڻهو | ڪيترائي، | ڇا پوءِ | توهان اهو | نہ ٿي ڇاتو؟ | هيءُ | دوزخ آهي
(شيطان) اوهان مان گهڻيءَ خلق کي گمراه ڪيو. پوءِ اوهين نہ سمجهندا هيو ڇا؟ هيءُ اهو دوزخ آهي،

الَّتِي كُنتُمْ تُوعَدُونَ ﴿٦٣﴾ اصْلَوْهَا الْيَوْمَ بِمَا كُنتُمْ تَكْفُرُونَ ﴿٦٤﴾ الْيَوْمَ
جنهن جو | توهان کي وعدو ڏنل هو. | داخل ٿيو ان ۾ | اڄ | جو | توهان ڪفر ڪندا هئا. | اڄ
(جنهن) جو اوهان کي وعدو ڏبو هو. ان ۾ اڄ انهيءَ ڪري گهڙو جو ڪفر ڪندا هيو. اڄ سندن واتن

نَخْتِمُ عَلَىٰٓ أَفْوَاهِهِمْ وَتُكَلِّمُنَآ أَيْدِيهِمْ وَتَشْهَدُ أَرْجُلُهُم بِمَا
مهر هڻنداسون | انهن جي واتن تي | ۽ ڳالهائيندا اسان سان | هٿ انهن جا | ۽ شاهدي ڏيندا | پير انهن جا | جيڪي
تي مهر هڻنداسون ۽ جيڪي ڪندا هئا، تنهن بابت سندن هٿ اسان سان ڳالهائيندا ۽ سندن پير شاهدي ڏيندا.

كَانُوا يَكْسِبُونَ ﴿٦٥﴾ وَلَوْ نَشَآءُ لَطَمَسْنَا عَلَىٰٓ أَعْيُنِهِمْ فَاسْتَبَقُوا الصِّرَاطَ
اهي ڪم ڪندا هئا. | ۽ جيڪڏهن | اسين گهرون تہ | ليپو ڏيون | سندن اکين تي | پوءِ ڀڄن | رستي ڏانهن
۽ جيڪڏهن گهرون تہ سندين اکين کي ناس ڪريون، پوءِ واٽ ڏانهن ڊوڙن تہ ڪٿان

فَأَنَّىٰ يُبْصِرُونَ ﴿٦٦﴾ وَلَوْ نَشَآءُ لَمَسَخْنٰهُمْ عَلَىٰ مَكَانَتِهِمْ فَمَا اسْتَطَاعُوا
پوءِ ڪيئن | ڏسندا. | ۽ جيڪڏهن اسين گهرون تہ سندن شڪل بدلايون | جتي جو هجن | پوءِ نہ | هلي سگهندا
ڏسندا؟. ۽ جيڪڏهن گهرون تہ سندين جاين تي (ئي) کين بدشڪل ڪري ڇڏيون تہ پوءِ نہ اڳتي هلي سگهن

مُضِيًّا وَلَا يَرْجِعُونَ ﴿٦٧﴾ وَمَن نُّعَمِّرْهُ نُنَكِّسْهُ فِي الْخَلْقِ ۖ أَفَلَا ع ٤
اڳتي | ۽ | نہ | پوئتي موٽندا. | ۽ جنهن کي وڏي عمر ڏيندا آهيون | تہ ابتو ڪندا آهيون انکي بناوت ۾. | ڇا پوءِ نہ
۽ نڪي پوئتي موٽن. ۽ جنهن کي وڏيءَ ڄمار وارو ڪندا آهيون، تنهن کي بڻاوت ۾ ابتو ڪندا آهيون (ابتري ڳالهہ بہ)

يَعْقِلُونَ ﴿٦٨﴾ وَمَا عَلَّمْنٰهُ الشِّعْرَ وَمَا يَنۢبَغِي لَهُۥٓ ۚ إِنْ هُوَ إِلَّا ذِكْرٌ
ٿا سمجهن. | ۽ | نہ | سيکاريو اسان انهي کي | شعر | ۽ نڪي | لائق آهي | ان لاءِ. | هيءُ | رڳو | نصيحت
نہ سمجهندا آهن ڇا؟ ۽ ان (پيغمبر) کي نڪي شعر سيکاريو اٿون ۽ نڪي (شعر) اُن جو لائق هو. هيءُ تہ رڳو نصيحت

وَّ قُرْاٰنٌ مُّبِيْنٌ ﴿٦٩﴾ لِّيُنْذِرَ مَنْ كَانَ حَيًّا وَّ يَحِقَّ الْقَوْلُ

۽ قرآن ظاهر آهي جيئن ڊيڄاري انکي جيڪو هجي جيئرو ۽ ثابت ٿئي عذاب

۽ پڌرو قرآن ٿي آهي. ته انهيءَ کي ڊيڄاري جيڪو جيئرو (يعني سمجهه وارو) هجي ۽ ڪافرن تي حجت ثابت ٿئي.

عَلَى الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧٠﴾ اَوَلَمْ يَرَوْا اَنَّا خَلَقْنَا لَهُمْ مِّمَّا عَمِلَتْ اَيْدِيْنَآ اَنْعَامًا

ڪافرن تي. ڇا نه ڏٺائون ته اسان پيدا ڪيا انهن لاءِ پنهنجي قدرت سان چوپايا

نه ڏٺو اٿن ڇا ته اسان انهن لاءِ انهن شين مان ڍور پيدا ڪيا. جن کي اسان جي هٿن بڻايو؟ پوءِ اهي انهن جا

فَهُمْ لَهَا مٰلِكُوْنَ ﴿٧١﴾ وَذَلَّلْنٰهَا لَهُمْ فَمِنْهَا رَكُوْبُهُمْ وَمِنْهَا

پوءِ اهي انهن جا مالڪ آهن. ۽ اهي نوايا سون انهن لاءِ پوءِ ڪي سندن چڙهيءَ جا آهن ۽ ڪن کي

مالڪ آهن. ۽ انهن (ڍورن) کي انهن جو تابعدار ڪيوسون. پوءِ منجهانئن ڪي سندن چڙهيءَ جا آهن ۽ منجهانئن ڪي

يَاْكُلُوْنَ ﴿٧٢﴾ وَلَهُمْ فِيْهَا مَنَافِعُ وَمَشَارِبُ ۭ اَفَلَا يَشْكُرُوْنَ ﴿٧٣﴾ وَاتَّخَذُوْا

کائيندا آهن. ۽ انهن لاءِ جانورن ۾ ٻيا فائدا به آهن ۽ (کير) پيئڻ. ڇا پوءِ نه ٿا شڪر ڪن. ۽ ورتائون

(اهي) کائيندا آهن. ۽ انهن لاءِ انهن ڍورن ۾ گهڻا فائدا آهن ۽ پيئڻ (جون شيون يعني کير) آهن. پوءِ ڇو نه شڪر ڪندا

مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اٰلِهَةً لَّعَلَّهُمْ يُنْصَرُوْنَ ﴿٧٤﴾ لَا يَسْتَطِيْعُوْنَ نَصْرَهُمْ ۙ

الله کان سواءِ ٻيا خدا ته شايد انهنجي مدد ڪئي ويندي. اهي نه ڪري سگهندا مدد انهن جي

آهن؟. ۽ الله کان سواءِ ٻيا معبود ڪري ورتا اٿن ته مَن کين مدد ڏني وڃي. (اهي) کين مدد ڏيئي نه سگهندا

وَهُمْ لَهُمْ جُنْدٌ مُّحْضَرُوْنَ ﴿٧٥﴾ فَلَا يَحْزُنْكَ قَوْلُهُمْ ۘ اِنَّا نَعْلَمُ مَا وقف لازم

۽ اهي انهن جو لشڪر هوندا حاضر ڪيل. پوءِ نه ڏکاري توکي ڳالهيون انهن جون. بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا جيڪي

۽ اهي (بت) انهن جو لشڪر ٿي گڏ ڪيا ويندا. پوءِ (اي پيغمبر!) توکي سندن چوڻ نه ڏکوئي، جيڪي ڳجهو ڪندا آهن

يُسِرُّوْنَ وَمَا يُعْلِنُوْنَ ﴿٧٦﴾ اَوَلَمْ يَرَ الْاِنْسَانُ اَنَّا خَلَقْنٰهُ مِنْ نُّطْفَةٍ

لڪائن ٿا ۽ جيڪي ظاهر ڪن ٿا. ڇا نه ڏٺو انسان ته اسان پيدا ڪيو ان کي قطري مان

۽ جيڪي پڌرو ڪندا آهن، سو بيشڪ اسين ڄاڻون ٿا. انسان نه ڏٺو آهي ڇا؟ ته اسان کيس نطفي مان بڻايو،

فَاِذَا هُوَ خَصِيْمٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧٧﴾ وَضَرَبَ لَنَا مَثَلًا وَّنَسِيَ خَلْقَهٗ ۭ قَالَ

پوءِ اوچتو اهو ٿيو جهڳڙالو پڌرو. ۽ ٺاهيائين اسان لاءِ مثال ۽ وساريائين پنهنجي پيدائش. چيائين

پوءِ اهو انهيءَ (ئي) مهل پڌرو جهيڙاڪ ٿيندو آهي. ۽ اسان لاءِ هڪ مثال بيان ڪندو آهي ۽ پنهنجيءَ پيدائش کي وساريندو آهي. چوندو آهي

مَنْ يُّحْيِ الْعِظَامَ وَهِيَ رَمِيْمٌ ﴿٧٨﴾ قُلْ يُحْيِيْهَا الَّذِيْٓ اَنْشَاَهَآ اَوَّلَ

ڪير جيئرو ڪندو هڏن کي جڏهن اهي ڳريل هجن؟ چؤ جيئرو ڪندو انهن کي اهو جنهن پيدا ڪيو هو انهن کي پهرين

ته، (هن) هڏن کي ڪير جياريندو. جنهن حالت ۾ اهي پُٺا ٿيل هوندا؟ (اي پيغمبر!) کين چئو ته، جنهن انهن کي پهرين پيرو بڻايو سو انهن

مَرَّةٍ ط وَهُوَ بِكُلِّ خَلْقٍ عَلِيْمُ ۙ ﴿٧٩﴾ الَّذِيْ جَعَلَ لَكُمْ مِّنَ الشَّجَرِ

پيري، ۽ اهو هر پيدائش کي ڄاڻندڙ آهي. جنهن پيدا ڪئي توهان لاءِ وڻ

ڪي (وري) جياريندو ۽ اهو سڀ ڪنهن پيدائش کي ڄاڻندڙ آهي. جنهن سائي وڻ مان اوهان لاءِ باهه پيدا ڪئي،

الْاَخْضَرِ نَارًا فَاِذَآ اَنْتُمْ مِّنْهُ تُوْقِدُوْنَ ﴿٨٠﴾ اَوَلَيْسَ الَّذِيْ خَلَقَ

سائي مان باهه پوءِ ان وقت توهان ان مان باهه ٻاريو ٿا. ڇا ناهي اهو، جنهن پيدا ڪيو

پوءِ اوهين انهيءَ مهل منجهانئس (باهه) ٻاريندا آهيو. جنهن آسمانن ۽ زمين کي بڻايو، سو انهن جهڙن جي بنائڻ تي

السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِقٰدِرٍ عَلٰٓى اَنْ يَّخْلُقَ مِثْلَهُمْ ط بَلٰى ق وَهُوَ الْخَلّٰقُ

آسمانن ۽ زمين کي وسوارو هن تي جو پيدا ڪري انهن جهڙا، هائو ۽ اهوئي پيدا ڪندڙ آهي

وس وارو نه آهي ڇا؟ هائو! (وس وارو آهي) ۽ اهو وڏو بڻائيندڙ، (سڀ) ڄاڻندڙ آهي. سندس حڪم هن کان سواءِ

الْعَلِيْمُ ﴿٨١﴾ اِنَّمَآ اَمْرُهٗٓ اِذَآ اَرَادَ شَيْـًٔا اَنْ يَّقُوْلَ لَهٗ كُنْ فَيَكُوْنُ ﴿٨٢﴾

ڄاڻندڙ آهي. بس حڪم ان جو جڏهن ارادو ڪري ڪنهن شيءِ جو ته چوي ان کي ٿيءُ ته ٿيو پوي.

(ٻيو) ڪونه آهي ته جڏهن ڪا شيءِ (بڻائڻ) گهرندو آهي، تڏهن ان لاءِ رڳو چوندو آهي ته ٿيءُ، ته (اُها شي) ٿي پوندي آهي.

فَسُبْحٰنَ الَّذِيْ بِيَدِهٖ مَلَكُوْتُ كُلِّ شَيْءٍ وَّاِلَيْهِ تُرْجَعُوْنَ ﴿٨٣﴾ ع

پوءِ پاڪ آهي اها ذات جنهن جي هٿ ۾ آهي حڪومت هر شيءِ جي ۽ انهيءَ ڏانهن ئي موٽايا ويندؤ.

پوءِ اُهو (الله) پاڪ آهي، جنهن جي هٿ ۾ هر شيءِ جي حڪومت آهي ۽ ڏانهس اوهين موٽايا ويندؤ.

وقف غفران

ع ۵

سُوْرَةُ الصّٰفّٰتِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ١٨٢ رُكُوْعَاتُهَا ٥

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

وَالصّٰٓفّٰتِ صَفًّا ۙ ﴿١﴾ فَالزّٰجِرٰتِ زَجْرًا ۙ ﴿٢﴾ فَالتّٰلِيٰتِ ذِكْرًا ۙ ﴿٣﴾ اِنَّ اِلٰهَكُمْ

قسم آهي صف ٻڌندڙن جو قطار ڪري، پوءِ هڪل ڪندڙن جو زور سان هڪل ڪري، پوءِ پڙهندڙن جو ياد ڪري، بيشڪ حاڪم توهان جو

قطار ڪري صفن ٻڌڻ وارن (ملائڪن) جو قسم آهي، پوءِ جهڙڪ ڏيڻي (شيطانن کي) ڌمڪائڻ وارن (ملائڪن) جو قسم آهي، پوءِ (قرآن) پڙهڻ واريءَ جماعت جو قسم آهي.

لَوَاحِدٌ ط ﴿٤﴾ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا وَرَبُّ الْمَشَارِقِ ط ﴿٥﴾

هڪ ئي آهي. پروردگار آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي ۽ پاليندڙ اڀرندن جو.

ته اوهان جو معبود هڪڙو (ئي) آهي. (جو اهو) آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي اُنهن (ٻنهي) جي وچ ۾ آهي، تنهن جو رب آهي ۽ (اهو) اڀرڻ (۽ الهڻ) وارن طرفن

اِنَّا زَيَّنَّا السَّمَآءَ الدُّنْيَا بِزِيْنَةِ ۨالْكَوَاكِبِ ۙ ﴿٦﴾ وَحِفْظًا مِّنْ كُلِّ شَيْطٰنٍ

بيشڪ اسان سينگاريوسون آسمان دنيا جو سونهن ستارن جي سان، ۽ بچاءُ ڪيوسون هر شيطان

جو (به) رب آهي. بيشڪ اسان دنيا جي آسمان کي تارن جي سونهن سان سينگاريو. ۽ سڀڪنهن حدکان لنگهندڙ شيطان کان (اُنهيءَ کي) حفاظت ۾

المنزل الثامن ٦

مَّارِدٍ ﴿٧﴾ لَا يَسَّمَّعُونَ إِلَى الْمَلَإِ الْأَعْلٰى وَيُقْذَفُونَ مِنْ كُلِّ

هٺيلي ڪان. نه ٿا ڪَنُ ڏئي سگهن مجلس مٿينءَ ڏانهن ۽ ڇٽيا وڃن ٿا هر

رڪيوسون. ته (جيئن شيطان) ملاءِ اعليٰ ڏانهن ڪن ڏيئي (ڳالهيون) نه ٻُڌن ۽ سڀڪنهن طرف کان (اُنهن ڏانهن) اُماڙيون اڇليبيون آهن.

جَانِبٍ ﴿٨﴾ دُحُورًا وَّلَهُمْ عَذَابٌ وَّاصِبٌ ﴿٩﴾ إِلَّا مَنْ خَطِفَ الْخَطْفَةَ

طرف کان، ڀڄائڻ لاءِ ۽ انهن لاءِ آهي عذاب دائمي، مگر جنهن ڏني جهٽ

(اُنهن جي) تڙڻ لاءِ. انهن لاءِ هميشه جو عذاب آهي. پر جنهن (چوريءَ ڪن ڏيئي ملاءِ اعليٰ جي ڳالهين مان ڪنهن ڳالهه کي)

فَأَتْبَعَهُ شِهَابٌ ثَاقِبٌ ﴿١٠﴾ فَاسْتَفْتِهِمْ أَهُمْ أَشَدُّ خَلْقًا أَمْ مَّنْ

پوءِ پٺيان پويس ٽو الانبو چمڪندڙ. پوءِ پڇُ انهن کان ڇا اهي ڏکيا آهن پيدا ڪرڻ يا ٻيا جن کي

جهٽيو، تنهن کي پوئتان ٻرندڙ اُماڙي پوندي آهي. پوءِ ڪافرن پڇ ته اهي پيدا ڪرڻ ۾ تمام مشڪل آهن ڇا يا (ذڪر ڪيل شيون).

خَلَقْنَا ۚ إِنَّا خَلَقْنٰهُمْ مِّنْ طِينٍ لَّازِبٍ ﴿١١﴾ بَلْ عَجِبْتَ وَيَسْخَرُونَ ﴿١٢﴾

اسان پيدا ڪيو آهي، بيشڪ اسان پيدا ڪيو آهي انهن کي مٽيءَ چيڪي مان. پر تون عجب ۾ پئين ۽ اهي ڪن ٿا مسخري،

جن کي اسان بڻايو آهي؟ بيشڪ اسان ڪين چيڪيءَ مٽيءَ مان بڻايو. بلڪ (ڪافرن جي حال کان) عجب ڪيئي ۽ اُهي ٺٺوليون ڪندا آهن.

وَإِذَا ذُكِّرُوا لَا يَذْكُرُونَ ﴿١٣﴾ وَإِذَا رَأَوْا اٰيَةً يَّسْتَسْخِرُونَ ﴿١٤﴾ وَقَالُوا إِنْ

۽ جڏهن سمجهائجين ٿو ته نه ٿا سمجهن. ۽ جڏهن ڏسن ٿا ڪو معجزو ته ٺوڪون ٿا ڪن. ۽ چون ٿا

۽ جڏهن سمجهائبو اٿن، (تڏهن) نه سمجهندا آهن. ۽ جڏهن (ڪو) ڪا نشاني ڏسن (تڏهن) ٺٺوليون ڪندا آهن. ۽ چوندا آهن

هٰذَا إِلَّا سِحْرٌ مُّبِينٌ ﴿١٥﴾ ءَإِذَا مِتْنَا وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَإِنَّا لَمَبْعُوثُونَ ﴿١٦﴾

اهو آهي رڳو جادو پڌرو. ڇا جڏهن مرنداسون ۽ ٿينداسون مٽي ۽ هڏا ته ڇا اسان پڪ اٿاريا وينداسون.

ته هيءُ (قرآن) رڳو پڌرو جادو آهي. هان! جڏهن مرنداسون ۽ مٽي ۽ هڏا ٿينداسون (تڏهن) اسين وري (جيئرا ٿي) اٿنداسون ڇا؟

أَوَ اٰبَآؤُنَا الْأَوَّلُونَ ﴿١٧﴾ قُلْ نَعَمْ وَأَنْتُمْ دَاخِرُونَ ﴿١٨﴾ فَإِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ

يا اسان جا ابا ڏاڏا اڳيان به. چؤ هائو ۽ توهان خوار هوندؤ. پوءِ رڳو اها هڪل ٿيندي

اسان جا اڳيان ابا ڏاڏا به (اٿاريا) ڇا؟ چئو ته هائو (اٿاريا) ۽ اوهان خوار هوندؤ. پوءِ اُهو (اٿڻ) رڳو هڪ سخت هڪل هوندي،

وَّاحِدَةٌ فَإِذَا هُمْ يَنْظُرُونَ ﴿١٩﴾ وَقَالُوا يٰوَيْلَنَا هٰذَا يَوْمُ الدِّينِ ﴿٢٠﴾

هڪڙي پوءِ ان وقت اهي ڏسڻ لڳندا. ۽ چوندا هاءِ ويل اسان لاءِ هي آهي ڏينهن حساب جو.

پوءِ اهي اتي جو اتي ڏسڻ لڳندا. ۽ چوندا ته هٿ ارمان! اسان لاءِ هيءُ بدلي (وٺڻ) جو ڏينهن آهي. (چئبن ته)

هٰذَا يَوْمُ الْفَصْلِ الَّذِي كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُونَ ﴿٢١﴾ احْشُرُوا الَّذِينَ ظَلَمُوا ع ٤

هي آهي ڏينهن فيصلي وارو جنهنکي توهان هٿا ڪوڙو ڪندا. گڏ ڪريو ڏوهارين کي

فيصلي جو ڏينهن، جنهن کي اوهين ڪوڙو ڀائيندا هيو سو هيءُ آهي. (چئبو ته اي ملائڪو!) ظالمن کي ۽

وَ اَزْوَاجَهُمْ وَ مَا كَانُوْا يَعْبُدُوْنَ ﴿٢٢﴾ لا مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ فَاهْدُوْهُمْ

۽ انهن جي سنگت کي ۽ جنهن جي پوڄا ڪندا هئا. الله کان سواءِ. پوءِ وٺايو انهن کي

سندن سنگتين کي ۽ جن کي الله کان سواءِ پوڄيندا هئا. تن کي گڏ ڪريو. پوءِ ڪين

اِلٰى صِرَاطِ الْجَحِيْمِ ﴿٢٣﴾ الرّبع وَقِفُوْهُمْ اِنَّهُمْ مَّسْـُٔوْلُوْنَ ﴿٢٤﴾ لا مَا لَكُمْ

ڏَگ دوزخ جو. ۽ بيهاريون تہ انهن کان پڇا ٿئي. ڇا ٿيو اٿوَ

دوزخ جي واٽ ڏانهن ڏس ڏيو. ۽ کين ترسايو جو بيشڪ کائنئن پڇبو. تہ اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي.

لَا تَنَاصَرُوْنَ ﴿٢٥﴾ بَلْ هُمُ الْيَوْمَ مُسْتَسْلِمُوْنَ ﴿٢٦﴾ وَاَقْبَلَ بَعْضُهُمْ

نہ ٿا ڪريو مدد هڪٻئي جي. پر اهي اڄ ڏينهن پاڻ قبول ڪندا. ۽ سامهون ٿي هڪ ٻئي

جو هڪ ٻئي جي مدد نہ ٿا ڪريو؟ بلڪ اهي اڄ ڪنڌ نوائيندڙ آهن. ۽ ڪي ڪن ڏانهن منهن ڪري هڪ ٻئي کان

عَلٰى بَعْضٍ يَّتَسَآءَلُوْنَ ﴿٢٧﴾ قَالُوْٓا اِنَّكُمْ كُنْتُمْ تَاْتُوْنَنَا عَنِ الْيَمِيْنِ ﴿٢٨﴾

تي سوال جواب ڪندا. چوندا توهان ئي ايندا هئا اسان وٽ ساڄي ڪان.

پڇڻ لڳندا. (ماڻهو پنهنجن سردارن کي) چوندا تہ بيشڪ اوهين (گمراه ڪرڻ لاءِ) سڄي (۽ کبي) پاسي کان اسان وٽ ايندا هيوَ.

قَالُوْا بَلْ لَّمْ تَكُوْنُوْا مُؤْمِنِيْنَ ﴿٢٩﴾ ج وَمَا كَانَ لَنَا عَلَيْكُمْ مِّنْ سُلْطٰنٍ ج

جواب ڏيندا بلڪِ نہ هئا اوهين ايمان وارا. ۽ نہ هئو اسان جو توهان تي ڪو زور،

(سردار) چوندا تہ (نہ!) بلڪ اوهين پاڻ مڃيندڙ نہ هيَو. ۽ اوهان تي اسان جو ڪو زور نہ (هلندو) هو. بلڪ

بَلْ كُنْتُمْ قَوْمًا طٰغِيْنَ ﴿٣٠﴾ فَحَقَّ عَلَيْنَا قَوْلُ رَبِّنَآ صلے اِنَّا لَذَآئِقُوْنَ ﴿٣١﴾

پر توهان هئا ماڻهو بي فرمان. پوءِ ثابت ٿيو اسان تي قول اسان جي رب جو، پڪ اسان اهو چکندڙ آهيون.

(اوهين) پاڻ حد کان لنگهيل قوم هيوَ. پوءِ اسان تي اسان جي پالڻهار جو چوڻ ثابت ٿيو تہ. بيشڪ اسين (عذاب) چکندڙ هجون.

فَاَغْوَيْنٰكُمْ اِنَّا كُنَّا غٰوِيْنَ ﴿٣٢﴾ فَاِنَّهُمْ يَوْمَئِذٍ فِى الْعَذَابِ

پوءِ گمراهہ ڪيوسون اوهان کي پڪ اسان بہ گمراهہ هئاسون. پوءِ اهي ان ڏينهن عذاب ۾

پوءِ اوهان کي گمراه ڪيوسون، جو بيشڪ اسين (پاڻ) بہ گمراه هياسون. پوءِ بيشڪ. اهي انهيءَ ڏينهن عذاب ۾

مُشْتَرِكُوْنَ ﴿٣٣﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَفْعَلُ بِالْمُجْرِمِيْنَ ﴿٣٤﴾ اِنَّهُمْ كَانُوْٓا اِذَا

گڏيل هوندا. بيشڪ اسان ائين ئي ڪندا آهيون ڏوهارين سان. اهي هئا جو جڏهن

هڪ ٻئي سان گڏ شريڪ هوندا. بيشڪ اسين ڏوهارين سان اهڙيءَ طرح ڪندا آهيون. بيشڪ اهي (اهڙا) هئا جو جڏهن کين چئبو هو

قِيْلَ لَهُمْ لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ لا يَسْتَكْبِرُوْنَ ﴿٣٥﴾ لا وَيَقُوْلُوْنَ اَئِنَّا لَتَارِكُوْٓا

کين چئبو هو ناهي ڪوئي لائق عبادت سواءِ الله جي تہ وڏائي ڪندا هئا، ۽ چوندا هئا ڇا اسين ڇڏي ڏيون

تہ الله کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جي لائق نہ آهي (تڏهن) وڏائي ڪندا هئا. ۽ چوندا هئا تہ اسان هڪ جنوني شاعر جي (چوڻ) تي

آلِهَتِنَا لِشَاعِرٍ مَّجْنُونٍ ﴿٣٦﴾ بَلْ جَآءَ بِالْحَقِّ وَصَدَّقَ الْمُرْسَلِينَ ﴿٣٧﴾

پنهنجي معبودن کي هڪ شاعر مجنون جي ڪري، بلڪ آندو سچو دين ۽ سچو چيائين رسولن کي.

پنهنجن معبودن کي ڇڏيندا سون ڇا؟ بلڪ (پيغمبر محمد ﷺ) سچ (يعني قرآن) آندو ۽ (سڀني) پيغمبرن کي سچو ڄاتائين.

إِنَّكُمْ لَذَآئِقُوا الْعَذَابِ الْأَلِيمِ ﴿٣٨﴾ وَمَا تُجْزَوْنَ إِلَّا مَا كُنتُمْ

بيشڪ اوهان آهيو چکندڙ عذاب دردناڪ، ۽ رڳو سزا ڏنا ويندؤ پنهنجي

بيشڪ اوهين ڏکائيندڙ عذاب (جو مزو) چکڻ وارا هجو. ۽ جيڪي ڪندا هيو. تنهن کان سواءِ (ٻيو) ڪو بدلو نه ڏبو.

تَعْمَلُونَ ﴿٣٩﴾ إِلَّا عِبَادَ اللَّهِ الْمُخْلَصِينَ ﴿٤٠﴾ أُولَٰٓئِكَ لَهُمْ رِزْقٌ

ڪئي جي. مگر ٻانها الله جا سچائي وارا اهي ئي جن لاءِ آهي رزق

پر الله جا خاص ٻانها (عذاب کان بچندا). انهن لاءِ روزي مقرر (ٿيل) آهي.

مَّعْلُومٌ ﴿٤١﴾ فَوَاكِهُ ۚ وَهُم مُّكْرَمُونَ ﴿٤٢﴾ فِي جَنَّاتِ النَّعِيمِ ﴿٤٣﴾

خاص، ميوا، ۽ اهي عزت وارا آهن. باغن نعمتن وارن ۾.

(قسمين) ميوا ۽ اهي عزت ڏنل هوندا. نعمت وارن باغن ۾.

عَلَىٰ سُرُرٍ مُّتَقَابِلِينَ ﴿٤٤﴾ يُطَافُ عَلَيْهِم بِكَأْسٍ مِّن مَّعِينٍ ﴿٤٥﴾ بَيْضَآءَ

پلنگن تي هڪٻئي جي سامهون. ڦيرايو ويندو انهن تي پيالو وهندڙ مشروبات مان. اڇي رنگ وارو

پلنگن تي هڪ ٻئي جي آمهون سامهون (ويٺل هوندا). وهندڙ شراب جو پيالو مٿن پيو ڦيرائبو. جو (بلڪل)

لَذَّةٍ لِّلشَّارِبِينَ ﴿٤٦﴾ لَا فِيهَا غَوْلٌ وَلَا هُمْ عَنْهَا يُنزَفُونَ ﴿٤٧﴾ وَ

لذيذ پيئندڙن لاءِ. نه ان ۾ متو ڦرندو ۽ نڪي اهي ان کان بيهوش ٿيندا. ۽

اڇو پيئندڙن لاءِ مزيدار هوندو. نڪي منجهس مٿي جي ڦيري هوندي ۽ نڪي اهي ڪانئس نشي وارا ٿيندا. ۽

عِندَهُمْ قَاصِرَاتُ الطَّرْفِ عِينٌ ﴿٤٨﴾ كَأَنَّهُنَّ بَيْضٌ مَّكْنُونٌ ﴿٤٩﴾

انهن وٽ آهن نگاهه جهڪائيندڙ حورون وڏين اکين واريون. ڄڻڪ اهي آنا آهن ڍڪي رکيل.

وڏين اکين واريون هيٺ نهاريندڙ (زالون) وٽن هونديون. ڄڻڪ اهي (حورون)، ڍڪيل آنا آهن.

فَأَقْبَلَ بَعْضُهُمْ عَلَىٰ بَعْضٍ يَتَسَآءَلُونَ ﴿٥٠﴾ قَالَ قَآئِلٌ مِّنْهُمْ

پوءِ منهن ڪري هڪٻئي ڏانهن پڇا ڳاڇا ڪندا. چوندو ڪو ڳالهائيندڙ انهن مان

پوءِ ڪي (ماڻهو) ڪن ڏانهن منهن ڪري هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳندا. منجهانئن ڪو چوندڙ چوندو ته.

إِنِّي كَانَ لِي قَرِينٌ ﴿٥١﴾ يَقُولُ أَئِنَّكَ لَمِنَ الْمُصَدِّقِينَ ﴿٥٢﴾ أَإِذَا مِتْنَا

ته هئو منهنجو هڪ سنگتي، چوندو هئو ته ڇا تون مڃيندڙن مان آهين؟ جڏهن مرنداسون

بيشڪ (دنيا ۾) منهنجو هڪ سنگتي هو. جو چوندو هو ته، تون (قيامت جو) مڃيندڙ ٿيو آهين ڇا؟ هان! جڏهن مرنداسون

وَكُنَّا تُرَابًا وَّعِظَامًا ءَاِنَّا لَمَدِيْنُوْنَ ﴿٥٣﴾ قَالَ هَلْ اَنْتُمْ مُّطَّلِعُوْنَ ﴿٥٤﴾

۽ ٿينداسون مٽي ۽ هڏا ته ڇا يڪا اسان کي بدلو ڏنو ويندو؟ چوندو ڇا توهان ڏسندڙ انهيءَ کي؟

۽ مٽي ۽ هڏا ٿينداسون (تڏهن) اسان کي بدلو ڏنو ويندو ڇا؟ (وري اهو) چوندو ته. اوهين (به دوزخين کي) ڏسو ٿا ڇا؟

فَاطَّلَعَ فَرَاٰهُ فِيْ سَوَاۗءِ الْجَحِيْمِ ﴿٥٥﴾ قَالَ تَاللّٰهِ اِنْ كِدْتَّ لَتُرْدِيْنِ ﴿٥٦﴾

پوءِ ليئو پائيندو ته ڏسندو ان کي وچ دوزخ ۾ چوندس الله جو قسم تو ته ڪڏهن ڪيرايو ٿي مونکي.

پوءِ (پاڻ) جهاتي پائيندو ته اهو (سنگتي) دوزخ جي وچ ۾ ڏسندو. چوندو ته. الله جو قسم! ته تون مون کي ذري گهٽ هلاڪ ٿي ڪيو.

وَلَوْلَا نِعْمَةُ رَبِّيْ لَكُنْتُ مِنَ الْمُحْضَرِيْنَ ﴿٥٧﴾ اَفَمَا نَحْنُ بِمَيِّتِيْنَ ﴿٥٨﴾

جي نه ٿئي مهرباني منهنجي رب جي ته هجان ها ورتلن مان. ڇا پوءِ ناهيون اسين مرندڙ

۽ جيڪڏهن منهنجي پالڻهار جو (مون تي) فضل نه ٿئي ها ته بيشڪ آءٌ (به عذاب ۾) حاضر ڪيلن مان هجان ها! بيشڪ اسين نڪي (هاڻي وري)

اِلَّا مَوْتَتَنَا الْاُوْلٰى وَمَا نَحْنُ بِمُعَذَّبِيْنَ ﴿٥٩﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ الْفَوْزُ

مگر موت اسان جو پهريون ۽ نه آهيون اسين عذاب ڪيل؟ بيشڪ هي آهي ڪاميابي

مرڻ وارا آهيون. رڳو اسان جو پهريون مرڻ هو (جو ٿي چڪو) ۽ نڪي عذاب ڪيل آهيون. بيشڪ اِها وڏي مراد ماڻڻ آهي.

الْعَظِيْمُ ﴿٦٠﴾ لِمِثْلِ هٰذَا فَلْيَعْمَلِ الْعٰمِلُوْنَ ﴿٦١﴾ اَذٰلِكَ خَيْرٌ نُّزُلًا

وڏي. اهڙي شيءِ لاءِ ڀل ته ڪر ڪن ڪم ڪندڙ. ڇا اها ڀلي مهماني آهي

اهڙيءَ (نعمت) لاءِ ڀلي ته عمل ڪندڙ عمل ڪن! ڀلا اها (بيان ڪيل نعمت) مهمانيءَ طور ڀلي آهي

اَمْ شَجَرَةُ الزَّقُّوْمِ ﴿٦٢﴾ اِنَّا جَعَلْنٰهَا فِتْنَةً لِّلظّٰلِمِيْنَ ﴿٦٣﴾ اِنَّهَا شَجَرَةٌ

يا وڻ ٿوهر جو؟ اسان ڪيو آهي ان کي عذاب ظالمن لاءِ. بيشڪ اهو وڻ

يا ٿوهر جو وڻ؟ بيشڪ اسان اِن (وڻ) کي ظالمن جي لاءِ عذاب بڻايو آهي. بيشڪ. اهو هڪ وڻ آهي.

تَخْرُجُ فِيْٓ اَصْلِ الْجَحِيْمِ ﴿٦٤﴾ طَلْعُهَا كَاَنَّهٗ رُءُوْسُ الشَّيٰطِيْنِ ﴿٦٥﴾

نڪري ٿو دوزخ جي تري ۾. ان جا سنگ آهن جهڙيون منڍيون شيطانن جون.

جو دوزخ جي تري ۾ پيدا ٿيندو آهي. ان جون تاريون جهڙڪ شيطانن جا مٿا آهن.

فَاِنَّهُمْ لَاٰكِلُوْنَ مِنْهَا فَمَالِـُٔوْنَ مِنْهَا الْبُطُوْنَ ﴿٦٦﴾ ثُمَّ اِنَّ لَهُمْ

پوءِ اهي کائيندا انهيءَ مان پوءِ ڀريندا ان مان پيٽن کي. پوءِ بيشڪ انهن لاءِ

پوءِ بيشڪ. دوزخي ان مان کائيندا پوءِ منجهائنس پيٽ ڀريندا. وري انهن لاءِ ان (کاڄ)

عَلَيْهَا لَشَوْبًا مِّنْ حَمِيْمٍ ﴿٦٧﴾ ثُمَّ اِنَّ مَرْجِعَهُمْ لَاِلَى الْجَحِيْمِ ﴿٦٨﴾

ان مٿان آهي ملاوت ٽهڪندڙ پاڻي جي. پوءِ يقينن موٽڻ انهن جو ٿيندو آڙاهه ڏانهن.

تي ٽهڪندڙ پاڻيءَ جي ملاوت هوندي. وري بيشڪ. (کائڻ پيئڻ کان پوءِ) سندن موٽڻ دوزخ ڏانهن هوندو.

إِنَّهُمْ أَلْفَوْا آبَاءَهُمْ ضَالِّينَ ﴿٦٩﴾ فَهُمْ عَلَىٰ آثَارِهِمْ يُهْرَعُونَ ﴿٧٠﴾ وَلَقَدْ

بيشڪ انهن لڌو هئو پنهنجن ابن ڏاڏن کي گمراهه پوءِ اهي انهن جي رندن تي ڊوڙن ٿا. ۽ تي ويا

بيشڪ. انهن پنهنجن پيءُ ڏاڏن کي گمراهه ڏٺو. تنهن ڪري اهي (بہ) سندن پيرن تي ڊوڙن ٿا. ۽ بيشڪ

ضَلَّ قَبْلَهُمْ أَكْثَرُ الْأَوَّلِينَ ﴿٧١﴾ وَلَقَدْ أَرْسَلْنَا فِيهِمْ مُنْذِرِينَ ﴿٧٢﴾

گمراهه انهن کان اول گهڻا اڳيان. ۽ يقينن اسان موڪليا سون انهن ۾ ڊپ ڏيارينڊڙ.

کانئن اڳ اڳين مان گهڻا گمراهه ٿيا هئا. ۽ بيشڪ. منجهن ڊيڄارينڊڙ موڪليا هئاسون.

فَانْظُرْ كَيْفَ كَانَ عَاقِبَةُ الْمُنْذَرِينَ ﴿٧٣﴾ إِلَّا عِبَادَ اللَّهِ الْمُخْلَصِينَ ﴿٧٤﴾ ع ٣

پوءِ ڏس ڪيئن ٿي پڇاڙي ڊيڄاريلن جي، مگر ٻانها الله جا سچا.

پوءِ نهار تہ ڊيڄاريلن جي پڇاڙي ڪيئن ٿي! پر الله جا خاص ٻانها (انهن جي پڇاڙي چڱي ٿي).

وَلَقَدْ نَادَانَا نُوحٌ فَلَنِعْمَ الْمُجِيبُونَ ﴿٧٥﴾ وَنَجَّيْنَاهُ وَأَهْلَهُ مِنَ

۽ پڪاريو اسان کي نوح پوءِ واهه جو ٻڌوسون پڪار کي. ۽ ڇڏايوسون انکي ۽ سندس ڪٽنب کي

۽ بيشڪ نوح اسان کي سڏيو پوءِ اسين چڱا (دعا) قبول ڪندڙ آهيون. ۽ کيس ۽ سندس (تعلق دارن) ماڻهن کي وڏيءَ

الْكَرْبِ الْعَظِيمِ ﴿٧٦﴾ وَجَعَلْنَا ذُرِّيَّتَهُ هُمُ الْبَاقِينَ ﴿٧٧﴾ وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ

مونجهه وڏي کان. ۽ ڪيوسون ان جي اولاد کي ئي باقي رهندڙ. ۽ ڇڏيوسون انهيءَ لاءِ

مصيبت کان بچايوسون. ۽ (فقط) سندس اولاد کي ئي باقي رهيل ڪيوسون. ۽ پوين ۾ ان لاءِ (چڱي يادگيري) ڇڏي سون.

فِي الْآخِرِينَ ﴿٧٨﴾ سَلَامٌ عَلَىٰ نُوحٍ فِي الْعَالَمِينَ ﴿٧٩﴾ إِنَّا كَذَٰلِكَ نَجْزِي

پوين ۾. تہ سلام آهي نوح تي جهانن ۾. بيشڪ اسان اهڙوئي بدلو ڏيندا آهيون

ساري جڳ ۾ نوح تي شال سلام هجي!. بيشڪ اسين ڀلارن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون.

الْمُحْسِنِينَ ﴿٨٠﴾ إِنَّهُ مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِينَ ﴿٨١﴾ ثُمَّ أَغْرَقْنَا الْآخَرِينَ ﴿٨٢﴾

ڀلارن کي. اهو هئو اسان جي ٻانهن مؤمنن مان. پوءِ ٻوڙيوسون ٻين کي.

بيشڪ، اهو اسان جي مؤمن ٻانهن مان آهي. وري ٻين کي ٻوڙيوسون.

وَإِنَّ مِنْ شِيعَتِهِ لَإِبْرَاهِيمَ ﴿٨٣﴾ إِذْ جَاءَ رَبَّهُ بِقَلْبٍ سَلِيمٍ ﴿٨٤﴾ وقف لازم

۽ بيشڪ ان جو تابعدار هو ابراهيم جڏهن آندائين پنهنجي رب وٽ دل سلامت.

۽ بيشڪ نوح جي پيروي ڪندڙن مان ابراهيم هو. (ياد ڪر) جڏهن (هو) پنهنجي پالڻهار وٽ سالم دل سان آيو.

إِذْ قَالَ لِأَبِيهِ وَقَوْمِهِ مَاذَا تَعْبُدُونَ ﴿٨٥﴾ أَئِفْكًا آلِهَةً

جنهن وقت چيائين پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجي قوم کي تہ ڇاجي عبادت ڪريو ٿا؟ ڇا هٿراڌو مالڪن کي

(ياد ڪر) جڏهن پنهنجي پيءُ ۽ پنهنجيءَ قوم کي چيائين تہ اوهين ڇا کي پوڄيندا آهيو؟ الله کان سواءِ هٿراڌو نهيلن معبودن کي

دُوْنَ اللّٰهِ تُرِيْدُوْنَ ﴿٨٦﴾ؕ فَمَا ظَنُّكُمْ بِرَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٧﴾ فَنَظَرَ نَظْرَةً

الله کان سواءِ مجيو ٿا. پوءِ ڪهڙو خيال آهي توهان جو رب العالمين ۾. پوءِ نظر ڪيائين هڪ ڀيرو

گهرو ٿا ڇا؟. پوءِ جهانن جي پالڻهار بابت اوهان جو ڪهڙو گمان آهي؟ پوءِ تارن ۾ هڪ ڀيرو ڇتائي ڏٺائين.

فِي النُّجُوْمِ ﴿٨٨﴾ۙ فَقَالَ اِنِّيْ سَقِيْمٌ ﴿٨٩﴾ فَتَوَلَّوْا عَنْهُ مُدْبِرِيْنَ ﴿٩٠﴾ فَرَاغَ اِلٰٓى

تارن ۾. پوءِ چيائين آءٌ بيمار آهيان. پوءِ موٽي ويا ان کان پٺي ڏيئي. پوءِ لڙي ويو انهن جي

پوءِ چيائين ته آءٌ بيمارٿيندس. پوءِ ڪانئس پٺي ڏيئي ڦريا. پوءِ سندن معبودن ڏانهن منهن ڪيائين

اٰلِهَتِهِمْ فَقَالَ اَلَا تَاْكُلُوْنَ ﴿٩١﴾ۚ مَا لَكُمْ لَا تَنْطِقُوْنَ ﴿٩٢﴾ فَرَاغَ عَلَيْهِمْ

بتن ڏانهن پوءِ چيائين ڇو نه ٿا کائو؟ ڇا ٿيو اٿوَ نه ٿا ڳالهايو؟ پوءِ وريو انهن تي

۽ چيائين ته اوهين (ڪجهه) نه ٿا کائو ڇا؟ اوهان کي ڇا (ٿيو) آهي، جو نٿا ڳالهايو؟ پوءِ سڄي هٿ (يعني زور)

ضَرْبًاۢ بِالْيَمِيْنِ ﴿٩٣﴾ فَاَقْبَلُوْٓا اِلَيْهِ يَزِفُّوْنَ ﴿٩٤﴾ قَالَ اَتَعْبُدُوْنَ مَا

ڌڪ هڻندي زورسان. پوءِ آيا ان ڏانهن ڀڄندا. چيائين ڇا عبادت ڪريو ٿا انهن جي جنکي

سان مٿن ڏاڍا ڌڪ هڻڻ لڳو. پوءِ قوم (وارا) ڏانهس ڊوڙندا سامهون آيا. (کين) چيائين ته جنهن کي اوهين (پاڻ) گهڙيندا آهيو، تنهن کي ڇو پوڄيندا آهيو؟

تَنْحِتُوْنَ ﴿٩٥﴾ۙ وَاللّٰهُ خَلَقَكُمْ وَمَا تَعْمَلُوْنَ ﴿٩٦﴾ قَالُوا ابْنُوْا لَهٗ بُنْيَانًا

گهڙيو ٿا؟ ۽ الله پيدا ڪيو توهان کي ۽ جنکي توهان ٺاهيو ٿا. چيائون اوساريو ان لاءِ هڪ جاءِ

حالانڪ اوهان کي ۽ جيڪي اوهين ڪريو ٿا، تنهن کي الله پيدا ڪيو. (هڪ ٻئي کي) چيائون ته، ابراهيم لاءِ ڪا اڏاوت اڏيو.

فَاَلْقُوْهُ فِي الْجَحِيْمِ ﴿٩٧﴾ فَاَرَادُوْا بِهٖ كَيْدًا فَجَعَلْنٰهُمُ الْاَسْفَلِيْنَ ﴿٩٨﴾

پوءِ اڇليوس آڙاهه ۾ پوءِ رٿيائون انهيءَ لاءِ مڪر پوءِ ڪيوسون انهن کي هيٺ.

پوءِ کيس (باهه جي) آڙاهه ۾ اڇليو. پوءِ ساڻس فريب ڪرڻ جو ارادو ڪيائون، پوءِ کين هيٺاهان ٿيندڙ ڪيوسون.

وَقَالَ اِنِّيْ ذَاهِبٌ اِلٰى رَبِّيْ سَيَهْدِيْنِ ﴿٩٩﴾ رَبِّ هَبْ لِيْ مِنَ

۽ چيائين بيشڪ مان ويندڙ آهيان پنهنجي رب ڏانهن اجهو مونکي راهه وٺائيندو. اي رب منهنجا بخش مونکي کو

(ابراهيم) چيو ته، بيشڪ آءٌ پنهنجي پالڻهار ڏانهن وڃڻ وارو آهيان. (اهو) سگهوئي مون کي واٽ ڏيکاريندو (جتي سندس رضا هوندي). اي منهنجا پالڻهار!

الصّٰلِحِيْنَ ﴿١٠٠﴾ فَبَشَّرْنٰهُ بِغُلٰمٍ حَلِيْمٍ ﴿١٠١﴾ فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْيَ قَالَ

صالحين مان. پوءِ مبارڪ ڏني سون کيس نينگر بردبار جي. پوءِ جڏهن پهتو ان سان گڏ ڊڪ ڊوڙ کي چيائين

صالحن مان (ڪو پٽ) مون کي عطا ڪر! پوءِ کيس هڪ بردبار نينگر جي خوشخبري ڏني سون. پوءِ جڏهن ساڻس گڏجي ڪر ڪار ڪرڻ (واريءَ عمر)

يٰبُنَيَّ اِنِّيْٓ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْٓ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ مَاذَا تَرٰىؕ قَالَ

اي پٽڙا مان ڏسان ٿو ننڊ ۾ ته ڪهان ٿو توکي پوءِ تون ڏس ڇا ٿو ڀائين؟ چيائين

کي پهتو (تڏهن ابراهيم) چيو ته، اي منهنجا پٽڙا! بيشڪ آءٌ ننڊ ۾ ڏسان پيو ته، آءٌ توکي ڪُهان ٿو پوءِ تون نظر ڪر ته تنهنجي دل ۾ ڇا ٿو اچي؟ چيائين

يٰۤاَبَتِ افۡعَلۡ مَا تُؤۡمَرُ ۫ سَتَجِدُنِیۡۤ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِیۡنَ ﴿١٠٢﴾

اي ابا ڪري ڇڏ جنهن جو توکي حڪم ٿئي ٿو، اجهو لهندين مونکي انشاءالله سهپ وارن مان.

تہ اي منهنجا ابا! جنهن (ڪم) جو توکي حڪم ڏنو وڃي ٿو سو ڪر! جيڪڏهن الله گهريو تہ مون کي صبر ڪرڻ وارن مان لهندين.

فَلَمَّاۤ اَسۡلَمَا وَتَلَّهٗ لِلۡجَبِیۡنِ ﴿١٠٣﴾ۚ وَنَادَیۡنٰهُ اَنۡ یّٰۤـاِبۡرٰهِیۡمُ ﴿١٠٤﴾ۙ قَدۡ

پوءِ جڏهن مڃي چڪا ٻئي ۽ ليٽايائينس نراڙ تي. ۽ اسان ان کي سڏي چيو تہ اي ابراهيم! تحقيق

پوءِ جڏهن ٻنهي حڪم مڃيو ۽ ابراهيم (پنهنجي) پٽ کي پيشانيءَ پر ليٽايو. ۽ کيس سڏيوسون تہ اي ابراهيم!. بيشڪ

صَدَّقۡتَ الرُّءۡیَا ۚ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجۡزِی الۡمُحۡسِنِیۡنَ ﴿١٠٥﴾ اِنَّ هٰذَا لَهُوَ

تو سچو ڪيو خواب کي، بيشڪ اسان ائين ئي بدلو ڏيندا آهيون ڀلارن کي. بيشڪ اها ئي آهي

تو خواب کي سچو ڪيو. بيشڪ اسين ڀلارن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون. بيشڪ اها پڌري

الۡبَلٰٓؤُا الۡمُبِیۡنُ ﴿١٠٦﴾ وَفَدَیۡنٰهُ بِذِبۡحٍ عَظِیۡمٍ ﴿١٠٧﴾ وَتَرَكۡنَا عَلَیۡهِ

آزمائش پڌري. ۽ اسان ان جي عوض ڏنو گهيٽو سَہڻو. ۽ ڇڏيوسون ان لاءِ

پرک آهي. ۽ قربانيءَ جي وڏي جانور سان ان جو عيوض ڏنوسون. ۽ پوين ۾ (چڱي ساراهہ) اُن لاءِ ڇڏي سون.

فِی الۡاٰخِرِیۡنَ ﴿١٠٨﴾ۖ سَلٰمٌ عَلٰۤی اِبۡرٰهِیۡمَ ﴿١٠٩﴾ كَذٰلِكَ نَجۡزِی الۡمُحۡسِنِیۡنَ ﴿١١٠﴾

پوين ۾. تہ سلام آهي ابراهيم تي. اهڙوئي بدلو ڏيندا آهيون ڀلارن کي.

ابراهيم تي شال سلام هجي! ڀلارن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون.

اِنَّهٗ مِنۡ عِبَادِنَا الۡمُؤۡمِنِیۡنَ ﴿١١١﴾ وَبَشَّرۡنٰهُ بِاِسۡحٰقَ نَبِیًّا مِّنَ

اهو هئو اسان جي ٻانهن مؤمنن مان. ۽ خوشخبري ڏني سون ان کي اسحاق جي تہ اهو نبي

بيشڪ اهو اسان جي مؤمن ٻانهن مان آهي. ۽ کيس اسحاق جي خوشخبري ڏني سون جو صالحن مان هڪڙو نبي آهي.

الصّٰلِحِیۡنَ ﴿١١٢﴾ وَبٰرَكۡنَا عَلَیۡهِ وَعَلٰۤی اِسۡحٰقَ ؕ وَمِنۡ ذُرِّیَّتِهِمَا مُحۡسِنٌ

سڳورو ٿيندو. ۽ وڌايوسون ان کي ۽ اسحاق کي، ۽ ٿيندو انهن جي اولاد کو نيڪ

۽ ابراهيم تي ۽ اسحاق تي برڪت نازل ڪئي سون ۽ ٻنهي جي اولاد مان ڪي نيڪوڪار آهن

وَّظَالِمٌ لِّنَفۡسِهٖ مُبِیۡنٌ ﴿١١٣﴾ؑ وَلَقَدۡ مَنَنَّا عَلٰی مُوۡسٰی وَهٰرُوۡنَ ﴿١١٤﴾ۚ

۽ ڪو ظلم ڪندڙ پنهنجي جان تي پڌرو. ۽ يقينن ٿورو ڪيوسون موسيٰ ۽ هارون تي.

۽ ڪي پاڻ تي ظاهر ظهور ظلم ڪندڙ آهن. ۽ بيشڪ موسيٰ ۽ هارون تي احسان ڪيوسون.

وَنَجَّیۡنٰهُمَا وَقَوۡمَهُمَا مِنَ الۡكَرۡبِ الۡعَظِیۡمِ ﴿١١٥﴾ۚ وَنَصَرۡنٰهُمۡ فَكَانُوۡا

۽ ڇڏايوسون انهن کي ۽ سندن قوم کي مصيبت وڏي مان. ۽ اسان انهن جي مدد ڪئي پوءِ ٿي ويا

۽ کين ۽ سندس قوم کي وڏيءَ سختيءَ کان بچايوسون. ۽ کين مدد ڏني سون پوءِ آهي

هُمُ الْغٰلِبِيْنَ ﴿١١٦﴾ وَاٰتَيْنٰهُمَا الْكِتٰبَ الْمُسْتَبِيْنَ ﴿١١٧﴾ وَهَدَيْنٰهُمَا

اهي غالب زور. ۽ اسان ڏنو ٻنهي کي ڪتاب بيان ڪندڙ. ۽ اسان ڏيکاريو انهن کي

غالب رهيا. ۽ کين پڌرو ڪتاب ڏنوسون. ۽ کين سڌي رستي لاتوسون.

الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ ﴿١١٨﴾ وَتَرَكْنَا عَلَيْهِمَا فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿١١٩﴾ سَلٰمٌ

رستو سڌو. ۽ رکيوسون انهن لاءِ پوين ۾. تہ سلام آهي

۽ پوين ۾ (چڱي ساراه) انهن لاءِ ڇڏي سون. موسيٰ ۽ هارون تي شال سلام هجي.

عَلٰى مُوْسٰى وَهٰرُوْنَ ﴿١٢٠﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٢١﴾ اِنَّهُمَا

موسيٰ ۽ هارون تي. بيشڪ اهڙي طرح بدلو ڏيندا آهيون ڀلارن کي. اهي ٻئي هئا

بيشڪ اسين ڀلارن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون. بيشڪ اُهي (ٻئي)

مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٢٢﴾ وَاِنَّ اِلْيَاسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٢٣﴾ اِذْ قَالَ لِقَوْمِهٖٓ

اسان جي ٻانهن ايمان وارن مان. ۽ بيشڪ الياس هئو رسولن مان. جڏهن چيائين پنهنجي قوم کي

اسان جي مومنن ٻانهن مان آهن. ۽ بيشڪ الياس پيغمبرن مان هو. جڏهن پنهنجيءَ قوم کي چيائين تہ (الله کان)

اَلَا تَتَّقُوْنَ ﴿١٢٤﴾ اَتَدْعُوْنَ بَعْلًا وَّتَذَرُوْنَ اَحْسَنَ الْخٰلِقِيْنَ ﴿١٢٥﴾ اللّٰهَ

ڇا نہ ٿا ڊڄو؟ ڇا توهان پڪاريو ٿا بُت کي ۽ ڇڏيو ٿا تمام سهڻي خلقيندڙ کي. الله

ڇو نہ ڊڄندا آهيو؟ ڇو بَعل (نالي بت) کي پوڄيندا آهيو ۽ سڀ کان ڀلي خلقيندڙ کي ڇڏيندا آهيو؟ (جو الله)

رَبَّكُمْ وَرَبَّ اٰبَآئِكُمُ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٢٦﴾ فَكَذَّبُوْهُ فَاِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ ﴿١٢٧﴾

پنهنجي رب کي ۽ پنهنجن ابن ڏاڏن اڳين جي رب کي. پوءِ ڪوڙو ڪيائون ان کي پوءِ اهي ٿيا پڪڙيل.

اوهان جو پالڻهار ۽ اوهان جي اڳين ابن ڏاڏن جو پالڻهار آهي. پوءِ کيس ڪوڙو ڀانيائون، تنهن ڪري اُهي بيشڪ (دوزخ ۾) حاضر ڪيل آهن.

اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿١٢٨﴾ وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ﴿١٢٩﴾

مگر ٻانها الله جا نِجا. ۽ ڇڏيوسون ان لاءِ پوين ۾.

پر الله جا خاص ٻانها (ڇٽل آهن). ۽ پوين ۾ (چڱي ساراهہ) اُن لاءِ ڇڏي سون.

سَلٰمٌ عَلٰٓى اِلْ يَاسِيْنَ ﴿١٣٠﴾ اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ﴿١٣١﴾ اِنَّهٗ

تہ سلام هجي الياسين تي. بيشڪ اسان اهڙوئي بدلو ڏيندا آهيون ڀلائي ڪندڙن کي. اهو هئو

الياس تي شال سلام هجي. بيشڪ اسين ڀلارن کي اهڙيءَ طرح بدلو ڏيندا آهيون. بيشڪ اهو

مِنْ عِبَادِنَا الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿١٣٢﴾ وَاِنَّ لُوْطًا لَّمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٣٣﴾ اِذْ

اسان جي ٻانهن ايمان وارن مان. ۽ بيشڪ لوط هئو رسولن مان. جڏهن

اسان جي مومن ٻانهن مان آهي. ۽ بيشڪ لوط پيغمبرن مان هو. (ياد ڪر) جڏهن

نَجَّيْنٰهُ وَاَهْلَهٗۤ اَجْمَعِيْنَ ﴿١٣٤﴾ اِلَّا عَجُوْزًا فِى الْغٰبِرِيْنَ ﴿١٣٥﴾ ثُمَّ

چڙايوسون ان کي ۽ سندس ڪٽنب ساري کي، مگر پوڙهي زال جا پوئتي رهندڙن ۾ ٿي. پوءِ

ان کي ۽ سندس مڙني گهروارن کي بچايوسون. سواءِ هڪ ڪراڙيءَ زال جي جا پٺتي رهندڙن ۾ ٿي. وري (ٻين)

دَمَّرْنَا الْاٰخَرِيْنَ ﴿١٣٦﴾ وَاِنَّكُمْ لَتَمُرُّوْنَ عَلَيْهِمْ مُّصْبِحِيْنَ ﴿١٣٧﴾ وَبِالَّيْلِ ط

هلاڪ ڪيوسون ٻين کي. ۽ توهان لنگهندا آهيو انهن تان صبح جي وقت، ۽ رات جو.

ٻين کي هلاڪ ڪيوسون. ۽ بيشڪ اوهين انهن (جي ڳوٺن) وٽان صبح جو لنگهندا آهيو. ۽ رات جو (بہ).

اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ ﴿١٣٨﴾ ع وَاِنَّ يُوْنُسَ لَمِنَ الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٣٩﴾ ط اِذْ اَبَقَ اِلَى

ڇا نہ ٿا سمجهو؟ ۽ بيشڪ يونس هئو رسولن مان. جڏهن ڀڄي آيو

پوءِ ڇو نہ سمجهندا آهيو؟ ۽ بيشڪ يونس پيغمبرن مان هو. جڏهن (هو) ڀريل ٻيڙيءَ

الْفُلْكِ الْمَشْحُوْنِ ﴿١٤٠﴾ لا فَسَاهَمَ فَكَانَ مِنَ الْمُدْحَضِيْنَ ﴿١٤١﴾ ج فَالْتَقَمَهُ

ٻيڙيءَ ڀريل ڏانهن. پوءِ گُٽي ۾ آيو پوءِ ٿيو ڌِڪ وارن ۾. پوءِ ڳهي وئي ان کي

ڏانهن ڀڳو. پوءِ (ٻيڙيءَ وارن سان) پُکو وڌائين تہ (پاڻ) پُکي پيلن مان ٿيو. پوءِ کيس مڇي ڳهي وئي

الْحُوْتُ وَهُوَ مُلِيْمٌ ﴿١٤٢﴾ فَلَوْلَآ اَنَّهٗ كَانَ مِنَ الْمُسَبِّحِيْنَ ﴿١٤٣﴾ لا لَلَبِثَ

مڇي ۽ اهو هئو منتظر. پوءِ جيڪڏهن نہ هجي ها سبحان پڙهندڙ، تہ ترسي ها

۽ اهو (اهڙو ڪم ڪندڙ هو جو) ملامت جو لائق هو. پوءِ اهو جيڪڏهن تسبيح چوندڙن مان نہ هجي ها. تہ اُنهيءَ

فِىْ بَطْنِهٖۤ اِلٰى يَوْمِ يُبْعَثُوْنَ ﴿١٤٤﴾ ج النصف فَنَبَذْنٰهُ بِالْعَرَآءِ وَهُوَ سَقِيْمٌ ﴿١٤٥﴾ ج

ان جي پيٽ ۾ ان ڏينهن تائين جو اٿاريا ويندا. پوءِ ڪيرايوسون ان کي پٽ تي ۽ اهو هئو بيمار.

(قيامت واري) ڏينهن تائين جنهن ۾ (ماڻهو) اٿاربا، ان جي پيٽ ۾ رهي ها! پوءِ کيس صاف پٽ ۾ اڇليوسون ۽ اهو بيمار هو.

وَاَنْۢبَتْنَا عَلَيْهِ شَجَرَةً مِّنْ يَّقْطِيْنٍ ﴿١٤٦﴾ ج وَاَرْسَلْنٰهُ اِلٰى مِائَةِ اَلْفٍ

۽ ڄمايوسون ان تي وڻ ايرائون (ڪدوءَ) جو. ۽ موڪليوسون ان کي هڪ لک ماڻهن ڏانهن

۽ مٿس وڻ ڪدوءَ (جي قسم) مان ڄمايوسون. ۽ کيس (هڪ) لک يا (ان کان) وڌيڪ (ماڻهن) ڏانهن موڪليوسون.

اَوْ يَزِيْدُوْنَ ﴿١٤٧﴾ ج فَاٰمَنُوْا فَمَتَّعْنٰهُمْ اِلٰى حِيْنٍ ﴿١٤٨﴾ ط فَاسْتَفْتِهِمْ اَلِرَبِّكَ

يا زياده ٿين. پوءِ انهن ايمان آندو پوءِ لطف ڏنوسون انهن کي ڪنهن وقت تائين. پوءِ پڇا ڪر انهن کان ڇا تنهنجي رب لاءِ

پوءِ (انهن) ايمان آندو پوءِ هڪ وقت تائين کين آسودو ڪيوسون. پوءِ (اي پيغمبر!) انهن (يعني مشرڪن) کان پڇ تہ

الْبَنٰتُ وَلَهُمُ الْبَنُوْنَ ﴿١٤٩﴾ لا اَمْ خَلَقْنَا الْمَلٰٓئِكَةَ اِنَاثًا وَّهُمْ

ڌيئر آهن ۽ انهن لاءِ پٽ، يا پيدا ڪياسون ملائڪ ماديون ڪري ۽ اهي

تنهنجي پالڻهار کي ڌيئر آهن ڇا ۽ کين پٽ آهن؟ يا ملائڪن کي ماديون (ڪري) بڻايوسون ۽ اهي (ان وقت)

شَهِدُوْنَ ﴿١٥٠﴾ اَلَآ اِنَّهُمْ مِّنْ اِفْكِهِمْ لَيَقُوْلُوْنَ ﴿١٥١﴾ وَلَدَ اللّٰهُ ۙ وَاِنَّهُمْ

شاهد آهن خبردار بيشڪ اهي پنهنجو ناهه ناهي چون ٿا. ته پار ڄڻيا آهن الله حالانڪ اهي

حاضر هئا؟ خبردار هجو! (ته) بيشڪ اهي پنهنجي (هٿرادو ٺهيل) ڪوڙ مان چوندا آهن. ته الله (اولاد کي) ڄڻيو آهي.

لَكٰذِبُوْنَ ﴿١٥٢﴾ اَصْطَفَى الْبَنَاتِ عَلَى الْبَنِيْنَ ﴿١٥٣﴾ؕ مَا لَكُمْ ۫ كَيْفَ

ڪوڙا آهن. چاوٽيون اٿس ڌيئرون پٽن تي؟ ڇا ٿيو آ توهان کي، ڪيئن ٿا

۽ بيشڪ اهي ڪوڙا آهن. پٽن کان ڌيئر پسند ڪيائين ڇا؟. اوهان کي ڇا ٿيو آهي، ڪيئن

تَحْكُمُوْنَ ﴿١٥٤﴾ اَفَلَا تَذَكَّرُوْنَ ﴿١٥٥﴾ۚ اَمْ لَكُمْ سُلْطٰنٌ مُّبِيْنٌ ﴿١٥٦﴾ۙ فَاْتُوْا

فيصلو ڪريو؟ ڇا پوءِ نه ٿا ڌيان ڪريو. يا توهان وٽ آهي ڪو دليل چٽو پوءِ آڻيو

فيصلو ڪندا آهيو؟ (اوهين) ڇو نه ڌيان ڪندا آهيو؟. يا اوهان لاءِ ڪا پڌري حجت آهي؟

بِكِتٰبِكُمْ اِنْ كُنْتُمْ صٰدِقِيْنَ ﴿١٥٧﴾ وَجَعَلُوْا بَيْنَهٗ وَبَيْنَ الْجِنَّةِ نَسَبًا ؕ

پنهنجو ڪتاب جيڪڏهن سچا آهيو. ۽ بڻايائون انهيءَ ۽ جنن جي وچ ۾ مائٽي،

جيڪڏهن اوهين سچا آهيو ته پنهنجو ڪتاب آڻيو!. ۽ (ڪافرن) الله ۽ جنن جي وچ ۾ مائٽي مقرر ڪئي ۽ بيشڪ

وَلَقَدْ عَلِمَتِ الْجِنَّةُ اِنَّهُمْ لَمُحْضَرُوْنَ ﴿١٥٨﴾ۙ سُبْحٰنَ اللّٰهِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٥٩﴾ۙ

حالانڪ ڄاتو آهي جنن ته خود هوندا حاضر ڪيل. پاڪ آهي الله ان کان جيڪي بيان ڪن ٿا.

جنن ڄاتو آهي ته اهي (قيامت ۾ حساب لاءِ) ضرور حاضر ڪيا ويندا. (ڪافر) جيڪو بيان ڪندا آهن، تنهن کان الله پاڪ آهي.

اِلَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿١٦٠﴾ فَاِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ ﴿١٦١﴾ۙ مَآ اَنْتُمْ

پر ٻانها الله جا سچا. پوءِ بيشڪ توهان ۽ اهي جنکي پوڄيو ٿا. نه آهيو توهان

پر الله جا خاص ٻانها (اُنهن جو ڳڻ سچو آهي). پوءِ (اي ڪافرو!) بيشڪ اوهين ۽ جن (بتن) کي پوڄيندا آهيو. اوهين (سڀئي) اُن (يعني ڪوڙن

عَلَيْهِ بِفٰتِنِيْنَ ﴿١٦٢﴾ۙ اِلَّا مَنْ هُوَ صَالِ الْجَحِيْمِ ﴿١٦٣﴾ وَمَا مِنَّآ اِلَّا لَهٗ

انهيءَ تي ڪاريندڙ مگر ان کي جيڪو داخل ٿيندو دوزخ ۾. ۽ ناهي اسان مان ڪوبه مگر ان لاءِ

معبودن جي عبادت) لاءِ گمراهه ڪرڻ وارا نه آهيو. پر اُنهيءَ کي جيڪو (پاڻ) دوزخ ۾ گهڙڻ وارو آهي. ۽ (ملائڪ چوندا آهن ته) اسان مان اهڙو آهي ئي

مَقَامٌ مَّعْلُوْمٌ ﴿١٦٤﴾ۙ وَّاِنَّا لَنَحْنُ الصَّآفُّوْنَ ﴿١٦٥﴾ۚ وَاِنَّا لَنَحْنُ الْمُسَبِّحُوْنَ ﴿١٦٦﴾

مرتبو آهي مقرر. ۽ بيشڪ اسان ملائڪ آهيون قطارون ڪندڙ. ۽ اسان ئي آهيون سبحان الله پڙهندڙ.

ڪونه جنهن لاءِ (عبادت جي) هڪ جاءِ مقرر نه آهي. ۽ بيشڪ اسين صف ٻڌڻ وارا آهيون. ۽ بيشڪ اسين تسبيح چوڻ وارا آهيون.

وَاِنْ كَانُوْا لَيَقُوْلُوْنَ ﴿١٦٧﴾ۙ لَوْ اَنَّ عِنْدَنَا ذِكْرًا مِّنَ الْاَوَّلِيْنَ ﴿١٦٨﴾ۙ

۽ اهي مکي وارا چوندا هئا، جي هجي ها اسان وٽ ڪا معلومات اڳين جي،

۽ بيشڪ، (ڪافر) چوندا هئا. ته جيڪڏهن اسان وٽ پهرين جو احوال هجي ها.

لَكُنَّا عِبَادَ اللّٰهِ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿١٦٩﴾ فَكَفَرُوْا بِهٖ فَسَوْفَ يَعْلَمُوْنَ ﴿١٧٠﴾

تہ ٿيون ها ‏ پاڻها الله جا ‏ سچا. ‏ نيٺ انڪار ڪيائون ‏ (قرآن) جو ‏ پوءِ اجهو ‏ خبر پوندن.

تہ ضرور الله جا خالص ٻانها ٿيون ها! وري اُن (يعني قرآن) جا منڪر ٿيا. پوءِ سگهوئي (ڪفر جي پچاڙي) ڄاڻندا.

وَلَقَدْ سَبَقَتْ كَلِمَتُنَا لِعِبَادِنَا الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٧١﴾ اِنَّهُمْ لَهُمُ الْمَنْصُوْرُوْنَ ﴿١٧٢﴾

۽ ٿي چڪو آهي ‏ انجام اسان جو ‏ پنهنجن ٻانهن ‏ رسولن لاءِ. ‏ تہ يقينن ‏ انهن لاءِ ‏ مدد ڪيل آهي.

۽ بيشڪ پنهنجن پيغمبر ٻانهن لاءِ اسان جو وعدو اڳيئي ٿي چڪو. تہ بيشڪ اهي (اسان جا پيغمبر) ئي مدد ڏنل آهن.

وَاِنَّ جُنْدَنَا لَهُمُ الْغٰلِبُوْنَ ﴿١٧٣﴾ فَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿١٧٤﴾ وَّاَبْصِرْهُمْ

۽ بيشڪ لشڪر اسان جا ‏ انهن لاءِ ‏ غالب آهن. ‏ پوءِ تون منهن موڙ ‏ انهن کان ‏ ڪجهہ ‏ وقت، ‏ ۽ ‏ ڏسندو رهہ

۽ بيشڪ اسان جو لشڪر ئي غالب آهي. پوءِ ڪاٿئن هڪ وقت تائين منهن موڙ. ۽ کين ڏسندو رهہ! پوءِ اهي بہ

فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧٥﴾ اَفَبِعَذَابِنَا يَسْتَعْجِلُوْنَ ﴿١٧٦﴾ فَاِذَا نَزَلَ بِسَاحَتِهِمْ

پوءِ جلد ‏ اهي نتيجو ڏسندا. ‏ ڇا پوءِ اسان جي عذاب جي ‏ تڪڙ ٿا ڪن. ‏ پوءِ جڏهن ‏ اهو لٿو ‏ انهن جي اڱڻ تي

سگهوئي ڏسندا. (هي ڪافر) اسان جو عذاب جلد گهرندڙ آهن ڇا؟. پوءِ جڏهن سندن (گهرن جي) اڱڻ ۾ (عذاب) لهندو

فَسَآءَ صَبَاحُ الْمُنْذَرِيْنَ ﴿١٧٧﴾ وَتَوَلَّ عَنْهُمْ حَتّٰى حِيْنٍ ﴿١٧٨﴾ وَّاَبْصِرْ

پوءِ تہ بڇڙو ٿيو ‏ صبح ‏ ڊيڄاريلن جو. ‏ ۽ تون منهن موڙ ‏ انهن کان ‏ ڪجهہ وقت، ‏ ۽ ‏ انتظار ڪر

تڏهن ڊيڄاريلن جو صبح بڇڙو ٿيندو. ۽ ڪاٿئن هڪ وقت تائين منهن موڙ. ۽ ڏسندو رهہ! پوءِ اهي بہ سگهوئي

فَسَوْفَ يُبْصِرُوْنَ ﴿١٧٩﴾ سُبْحٰنَ رَبِّكَ رَبِّ الْعِزَّةِ عَمَّا يَصِفُوْنَ ﴿١٨٠﴾

پوءِ جلد ‏ اهي ڏسندا. ‏ پاڪ آهي ‏ پروردگار تنهنجو ‏ صاحب عزت جو ‏ تنهن کان جيڪي ‏ اهي چون ٿا.

(نتيجو) ڏسندا. تنهنجو پالڻهار عزت وارو آهي. جيڪي (هي ڪافر) بيان ڪندا آهن. تنهن کان (اهو) پاڪ آهي.

وَسَلٰمٌ عَلَى الْمُرْسَلِيْنَ ﴿١٨١﴾ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ﴿١٨٢﴾

۽ سلام آهي ‏ رسولن تي. ‏ ۽ ‏ سڀ ساراهہ ‏ الله لاءِ ‏ جو پالڻهار آهي ‏ جهانن جو

۽ (الله جي) پيغمبرن تي شال سلام هجي. ۽ جهانن جي پالڻهار الله کي ئي سڀ ساراهہ جڳائيندي آهي.

سُوْرَةُ صٓ مَكِّيَّةٌ ‏ ‏ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ‏ ‏ اٰيَاتُهَا ٨٨ ‏ رُكُوْعَاتُهَا ٥

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

صٓ وَالْقُرْاٰنِ ذِى الذِّكْرِ ﴿١﴾ بَلِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فِيْ عِزَّةٍ وَّشِقَاقٍ ﴿٢﴾

صٓ ‏ قسم آهي قرآن ‏ سمجهاڻي واري جو. ‏ پر ‏ اهي ‏ منڪر ‏ مفروري ۾ ‏ ۽ مخالفت ۾ آهن.

صٓ (هن) قرآن نصيحت (ڏيڻ) واري جو قسم آهي! (تہ جنهن دين ڏانهن سڏين ٿو سو سچ آهي). بلڪ ڪافر وڏائي ۽ مخالفت ۾ (پيل) آهن.

كَمْ اَهْلَكْنَا مِنْ قَبْلِهِمْ مِّنْ قَرْنٍ فَنَادَوْا وَّلَاتَ حِيْنَ مَنَاصٍ ﴿٣﴾ وَ
ڪيترائي تباهه ڪياسون انهن کان اڳيان جُڳ پوءِ رڙيون ڪيائون ۽ نه هو اهو وقت ڇوٽڪاري جو. ۽
ڪانئن اڳ گهڻائي جُڳ هلاڪ ڪياسون، پوءِ دانهون ڪرڻ لڳا ۽ اهو ڇوٽڪاري جو وقت نه هو. ۽

عَجِبُوْٓا اَنْ جَآءَهُمْ مُّنْذِرٌ مِّنْهُمْ ۫ وَقَالَ الْكٰفِرُوْنَ هٰذَا سٰحِرٌ كَذَّابٌ ﴿٤﴾
عجب ۾ پيا ته آيو انهن وٽ ڏيجاريندڙ انهن مان ۽ چيو ڪافرن ته هي جادوگر آهي ڪوڙو آهي.
منجهانئن هڪ ڏيجاريندڙ وٽن آيو ته عجب ڪرڻ لڳا ۽ (اهي) ڪافر چوڻ لڳا ته، هيءُ (شخص) جادوگر ڪوڙو آهي.

اَجَعَلَ الْاٰلِهَةَ اِلٰهًا وَّاحِدًا ۚۖ اِنَّ هٰذَا لَشَیْءٌ عُجَابٌ ﴿٥﴾ وَانْطَلَقَ الْمَلَاُ
ڇا ڪيائين ايترن معبودن جي عوض هڪ اِلٰه، بيشڪ هي ته شيءِ اچرج ڏيندڙ آهي. ۽ اٿي هليا سردار
ڇا (ڏسو ته) سڀني معبودن کي هڪ معبود ڪيائين؟ بيشڪ هيءَ ڏاڍي عجيب ڳالهه آهي. ۽ منجهانئن (سُڪرن جي) ٽولي (هڪ ٻئي

مِنْهُمْ اَنِ امْشُوْا وَاصْبِرُوْا عَلٰٓى اٰلِهَتِكُمْ ۚۖ اِنَّ هٰذَا لَشَیْءٌ يُّرَادُ ﴿٦﴾
انهن مان ته هلو ۽ پڪا رهو اِلٰهن پنهنجن تي، بيشڪ هي اهڙي شيءِ آهي جنهن جو ارادو ڪيل آهي.
کي چوندي) هلي وئي ته هلو ۽ پنهنجن معبودن (جي پوڄا) تي پڪا رهو! بيشڪ هن (نئين دين ۾ ڪو) غرض رکيو ويو آهي.

مَا سَمِعْنَا بِهٰذَا فِی الْمِلَّةِ الْاٰخِرَةِ ۚۖ اِنْ هٰذَآ اِلَّا اخْتِلَاقٌ ﴿٧﴾ ءَاُنْزِلَ
نه ٻڌي سون اهڙي ڪا ڳالهه دين پڇاڙيءَ ۾ ناهي اها مگر هٿرادو ڳالهه. ڇا لاٿو ويو
اها (ڳالهه) پوئين دين ۾ (ڪڏهن) نه ٻڌي سون، هيءُ ته رڳو ٺاهه آهي. اسان مڙني جي وچان مٿس ئي

عَلَيْهِ الذِّكْرُ مِنْۢ بَيْنِنَا ؕ بَلْ هُمْ فِیْ شَكٍّ مِّنْ ذِكْرِیْ ۚ بَلْ لَّمَّا
انهيءَ تي اهو ذڪر اسان جي وچان، بلڪ اهي آهن شڪ ۾ نصيحت منهنجي کان، پر اڃا
قرآن نازل ڪيو ويو ڇا؟ بلڪ اهي (ڪافر) منهنجيءَ نصيحت کان شڪ ۾ (پيل) آهن (نه!) بلڪ اڃا

يَذُوْقُوْا عَذَابِ ﴿٨﴾ اَمْ عِنْدَهُمْ خَزَآىِٕنُ رَحْمَةِ رَبِّكَ الْعَزِيْزِ الْوَهَّابِ ﴿٩﴾ ج
چکيو اٿن عذاب منهنجو. ڇا انهن وٽ آهن خزانا تنهنجي رب جي رحمت جا جيڪو زبردست عطا ڪندڙ آهي.
منهنجو عذاب نه چکيو اٿن. تنهنجي پالڻهار غالب بخششهار جي ٻاجهه جا (ڪي) خزانا وٽن آهن ڇا؟

اَمْ لَهُمْ مُّلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا ۫ فَلْيَرْتَقُوْا فِی الْاَسْبَابِ ﴿١٠﴾
يا انهن جي بادشاهي آهي آسمانن ۽ زمين ۾ ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، پوءِ پيل چڙهي وڃن ڏاڪڻين جي وسيلي.
آسمانن ۽ زمين جي ۽ جيڪي انهن (ٻنهي) جي وچ ۾ آهي تنهن جي بادشاهي انهن جي آهي ڇا؟ (جي ائين آهي) ته جڳائي ته رسين سان (آڪاس) مٿي چڙهن.

جُنْدٌ مَّا هُنَالِكَ مَهْزُوْمٌ مِّنَ الْاَحْزَابِ ﴿١١﴾ كَذَّبَتْ قَبْلَهُمْ قَوْمُ نُوْحٍ وَّ
اهو ٻڪو لشڪر آهي اُتي ڀڄ ڪاڏل فوجن مان. ڪوڙو ڪيو هو انهن کان اڳي نوح جي قوم ۽
شڪست کاڌل ٽولين مان هي (ڪافر) هتي هڪ (ڳل ٿيل) لشڪر آهي. اِنهن کان اڳ نوح جي قوم

عَادٌ وَّفِرْعَوْنُ ذُوالْاَوْتَادِ ﴿١٢﴾ وَثَمُوْدُ وَقَوْمُ لُوْطٍ وَّاَصْحٰبُ لْـَٔيْكَةِ ط
عاد ۽ فرعون ميخن واري. ۽ ثمود ۽ قوم لوط ۽ ٻيلي وارن.
۽ عاد ۽ ميخن واري فرعون (نبين کي) ڪوڙو ڄاتو. ۽ ثمود ۽ لوط جي قوم ۽ (شهر) ايڪ وارن. انهن جماعتن ٻه
اُولٰٓئِكَ الْاَحْزَابُ ﴿١٣﴾ اِنْ كُلٌّ اِلَّا كَذَّبَ الرُّسُلَ فَحَقَّ عِقَابِ ﴿١٤﴾ ع وَمَا
اهي آهن اُهي فوجون. انهن سيني ڪوڙ ڪيو هو رسولن کي پوءِ لڳي سزا منهنجي. ۽ نہ
(ڪين ڪوڙو پاتيو). اهي ٽوليون (جيڪي بہ هيون تن) سيني پيغمبرن کي ڪوڙو پاتيو تنهن ڪري منهنجي سزا (مٿن) لازم ٿي. ۽
يَنْظُرُ هٰٓؤُلَآءِ اِلَّا صَيْحَةً وَّاحِدَةً مَّا لَهَا مِنْ فَوَاقٍ ﴿١٥﴾ وَقَالُوْا
تا انتظار ڪن اهي منڪر مگر راڙ هڪڙي جو نہ هونديءَ ان کي ڪا ساهي. ۽ چيائون
هي (هن وقت جا ڪافر بہ) رڳو هڪ سخت آواز جا منتظر رهندا آهن. جنهن کي ڪا ساهي نہ هوندي. ۽ (ٺٺوليءَ طرح) چوندا آهن
رَبَّنَا عَجِّلْ لَّنَا قِطَّنَا قَبْلَ يَوْمِ الْحِسَابِ ﴿١٦﴾ اِصْبِرْ عَلٰى مَا يَقُوْلُوْنَ
اي رب اسان جا جلدي ڏي اسان کي ڇٽو اسان جو اڳي حساب جي ڏينهن کان. صبر ڪر تون ان تي جيڪي چون ٿا
تہ اي اسان جا پالڻهار! حساب جي ڏينهن کان اڳ اسان (جي عذاب) جو ڀاڱو اسان کي جلد ڏي! (اي پيغمبر!) جيڪي چوندا آهن، تنهن تي صبر ڪر
وَاذْكُرْ عَبْدَنَا دَاوٗدَ ذَا الْاَيْدِ ج اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿١٧﴾ اِنَّا سَخَّرْنَا الْجِبَالَ مَعَهٗ
۽ ياد ڪر اسان جي ٻانهي دائود هٿن سچي کي، اهو هئو موٽندڙ. اسان تابع ڪيا سون پهاڙ انهيءَ سان گڏ
۽ اسان جي طاقت واري ٻانهي دائود کي ياد ڪر! بيشڪ اهو رجوع ڪرڻ وارو هو. بيشڪ اسان جبلن کي سندس تابع ڪيو (جي)
يُسَبِّحْنَ بِالْعَشِيِّ وَالْاِشْرَاقِ ﴿١٨﴾ وَالطَّيْرَ مَحْشُوْرَةً ط كُلٌّ لَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿١٩﴾ وَ
تسبيح پڙهندا هئا شام جو ۽ صبح جو ۽ پکي بہ گڏيل، اهي سڀ ان لاءِ موٽندڙ هئا. ۽
سانجهيءَ ۽ صبح جو (ساڻس) تسبيحون پڙهندا هئا. ۽ گڏ ڪيل پکين کي بہ (سندس تابع ڪيوسين) هر هڪ (تسبيح چوڻ ۾) سندس فرمانبردار هو. ۽
شَدَدْنَا مُلْكَهٗ وَاٰتَيْنٰهُ الْحِكْمَةَ وَفَصْلَ الْخِطَابِ ﴿٢٠﴾ وَهَلْ اَتٰىكَ
مضبوط ڪئي سون ان جي بادشاهي ۽ ڏني سون ان کي دانش ۽ فيصلي واري ڳالهہ ۽ ڇا آئي تو وٽ
سندس بادشاهيءَ کي مضبوط ڪيوسون ۽ ڪيس دانائي ۽ فيصلي ڪرڻ جي تدبير ڏني سون. ۽ (پاڻ ۾ ہن) وڙهندڙن جي خبر تو وٽ نہ پهتي آهي ڇا؟
نَبَؤُا الْخَصْمِ ۘ اِذْ تَسَوَّرُوا الْمِحْرَابَ ﴿٢١﴾ اِذْ دَخَلُوْا عَلٰى دَاوٗدَ فَفَزِعَ مِنْهُمْ
خبر جهڳڙي وارن جي، جڏهن ٽپي آيا عبادتگاهہ ۾، جڏهن اندر آيا دائود وٽ تہ گهٻرائجي ويو انهن کان
جڏهن (اهي) ڀت ٽپي حُجري ۾ آيا. جڏهن دائود وٽ (اندر) پهتا تڏهن (هو) ڪانئن ڊڄي ويو. چيائون تہ. نہ ڊڄ!
قَالُوْا لَا تَخَفْ ج خَصْمٰنِ بَغٰى بَعْضُنَا عَلٰى بَعْضٍ فَاحْكُمْ بَيْنَنَا بِالْحَقِّ
چيائون نہ ڊڄ، ٻہ جهڳڙالو آهيون ڏاڍ ڪيو اسان مان هڪڙي ٻئي تي پوءِ فيصلو ڪر اسان جي وچ ۾ حق سان
(اسين) ٻہ جهڳڙو ڪندڙ آهيون. اسان مان هڪڙي ٻئي تي ڏاڍ ڪيو آهي، تنهن ڪري اسان جي وچ ۾ انصاف سان فيصلو ڪر

وقف لازم

وَلَا تُشْطِطْ وَاهْدِنَآ اِلٰى سَوَآءِ الصِّرَاطِ ﴿٢٢﴾ اِنَّ هٰذَآ اَخِىْ قف لَهٗ

۽ پري نہ ٿجانء ۽ ڏس اسان کي سڌو رستو. هي آهي ڀاء منهنجو، هن کي آهن

۽ (فيصلي ۾) بي انصافي نہ ڪر ۽ اسان کي سڌيء واٽ ڏانهن رستي لاء . بيشڪ، هيء منهنجو ڀاء آهي، جنهن کي نوانوي رڍون آهن

تِسْعٌ وَّتِسْعُوْنَ نَعْجَةً وَّلِىَ نَعْجَةٌ وَّاحِدَةٌ قف فَقَالَ اَكْفِلْنِيْهَا وَعَزَّنِىْ

نوانوي رڍون ۽ مون کي رڍ هڪڙي، پوء چيائين ڏي مونکي اها ۽ زور آهي مون کان

۽ مون کي هڪ رڍ آهي، پوء هن چيو تہ، اها (هڪ رڍ) بہ منهنجي حوالي ڪر ۽ مون تي ڳالهائڻ ۾ سختي ڪري رهيو آهي.

فِى الْخِطَابِ ﴿٢٣﴾ قَالَ لَقَدْ ظَلَمَكَ بِسُؤَالِ نَعْجَتِكَ اِلٰى نِعَاجِهٖ ط وَاِنَّ كَثِيْرًا

ڳالهائڻ ۾. دائود چيو بيشڪ ظلم ڪيائين توتي گهري تو رڍ تنهنجي پنهنجين رڍن هوندي، بلاشڪ ڪيترائي

دائود چيو تہ، (هن) تنهنجيء (هڪ) رڍ جي گهرڻ ڪري يا تہ، پنهنجين رڍن سان گڏي، توتي بيشڪ ظلم ڪيو ۽ بيشڪ ڀائيوارن

مِّنَ الْخُلَطَآءِ لَيَبْغِىْ بَعْضُهُمْ عَلٰى بَعْضٍ اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا

ڀائيوار ظلم ڪندا آهن هڪ ٻئي تي سواء انهن جي جن ايمان آندو ۽ ڪيا

مان گهڻا هڪٻئي تي ظلم ڪندا آهن، سواء انهن جي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا

الصّٰلِحٰتِ وَقَلِيْلٌ مَّا هُمْ ط وَظَنَّ دَاوٗدُ اَنَّمَا فَتَنّٰهُ فَاسْتَغْفَرَ رَبَّهٗ وَ

ڪم چڱا ۽ اهي تمام ٿورڙا آهن، ۽ سمجهيو دائود تہ رڳو سندس امتحان ورتوسون پوء معافي گهريائين پنهنجي رب کان ۽

۽ اهي (ظلم نہ ڪندڙ) ٿورا آهن ۽ دائود ڄاتو تہ ڪيس پرکيو اٿئون. تنهن ڪري پنهنجي پالڻهار کان بخشش گهريائين ۽

خَرَّ رَاكِعًا وَّاَنَابَ ﴿٢٤﴾ السجدة فَغَفَرْنَا لَهٗ ذٰلِكَ ط وَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَ

جهڪيو رڪوع ۾ ۽ رجوع ٿيو. پوء معاف ڪيوسون ان کي اهو، ۽ ان جو اسان وٽ درجو آهي ۽

سجدو ڪندڙ ٿي ڪريو ۽ (الله ڏانهن) رجوع ڪيائين. پوء ڪيس اهو (سندس گناه) بخشيوسون ۽ بيشڪ ان لاء اسان وٽ مرتبو آهي ۽

حُسْنَ مَاٰبٍ ﴿٢٥﴾ يٰدَاوٗدُ اِنَّا جَعَلْنٰكَ خَلِيْفَةً فِى الْاَرْضِ فَاحْكُمْ

چڱو ماڳ. اي دائود بيشڪ اسان ڪيوسون توکي خليفو زمين ۾ پوء تون فيصلو ڪر

چڱو موٽڻ جو هنڌ آهي. (چيوسون تہ) اي دائود! بيشڪ اسان توکي زمين ۾ نائب مقرر ڪيو،تنهن ڪري ماڻهن جي وچ ۾

بَيْنَ النَّاسِ بِالْحَقِّ وَلَا تَتَّبِعِ الْهَوٰى فَيُضِلَّكَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ ط اِنَّ

ماڻهن ۾ انصاف سان ۽ نہ هل سڌ تي پوء اها ڀلائيندي توکي الله جي راهہ کان. بيشڪ

انصاف سان فيصلو ڪر ۽ (نفس جي) سڌ جي تابعداري نہ ڪر جو (اها) توکي الله جي واٽ کان ڀلائيندي. بيشڪ

الَّذِيْنَ يَضِلُّوْنَ عَنْ سَبِيْلِ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ شَدِيْدٌۢ بِمَا نَسُوْا يَوْمَ

جيڪي ڀلجي ويا الله جي راهہ کان انهن لاء عذاب سخت آهي هن ڪري جو وساريائون ڏينهن

جيڪي الله جي واٽ کان ڀلن ٿا، تن لاء انهيء سببان سخت عذاب آهي، جو حساب جي ڏينهن کي وساريائون.

الْحِسَابِ ﴿٢٦﴾ ع وَمَا خَلَقْنَا السَّمَآءَ وَالْاَرْضَ وَمَا بَيْنَهُمَا بَاطِلًا ط ذٰلِكَ ظَنُّ

حساب جو. ۽ نه پيدا ڪيوسون آسمان کي ۽ زمين کي ۽ جيڪي ٻنهي جي وچ ۾ آهي اجايو. اهو خيال آهي

۽ آسمان ۽ زمين کي ۽ جيڪي انهن جي وچ ۾ آهي، سو اجايو نه بڻايوسون. اهو ڪافرن جو گمان آهي.

الَّذِيْنَ كَفَرُوْا ج فَوَيْلٌ لِّلَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنَ النَّارِ ﴿٢٧﴾ ط اَمْ نَجْعَلُ الَّذِيْنَ

ڪافرن جو. پوءِ ويل آهي انهن لاءِ جن ڪفر ڪيو باهه کان. ڇا اسان ڪنداسون انهن کي جن

تنهن ڪري ڪافرن لاءِ باهه (جي عذاب) جي خرابي آهي. جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا

اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ كَالْمُفْسِدِيْنَ فِي الْاَرْضِ ز اَمْ نَجْعَلُ الْمُتَّقِيْنَ

ايمان آندو ۽ ڪيائون ڪم چڱا برابر انهن جي جيڪي فساد ڪندڙ آهن زمين ۾ يا ڪنداسون پرهيزگارن کي

تن کي زمين ۾ فساد وجهڻ وارن جي برابر ڪريون ٿا ڇا؟ يا پرهيزگارن کي بڇڙن وانگر ڪريون ٿا ڇا؟.

كَالْفُجَّارِ ﴿٢٨﴾ كِتٰبٌ اَنْزَلْنٰهُ اِلَيْكَ مُبٰرَكٌ لِّيَدَّبَّرُوْٓا اٰيٰتِهٖ وَلِيَتَذَكَّرَ

برابر ڏوهارين سان؟ هي ڪتاب لاٿوسون ان کي توڏانهن برڪت وارو آهي جيئن سمجهن آيتون ان جون ۽ نصيحت وٺن

هيءُ (قرآن) برڪت وارو ڪتاب آهي، جو ان کي توڏانهن نازل ڪيوسون ته (ماڻهو) ان جي آيتن ۾ ڌيان ڪن ۽ عقل وارا نصيحت وٺن.

اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿٢٩﴾ وَوَهَبْنَا لِدَاوٗدَ سُلَيْمٰنَ ط نِعْمَ الْعَبْدُ ط اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿٣٠﴾ ط

عقل وارا. ۽ بخشي ڏنوسون داٶد کي سليمان، اهو ڀلو ٻانهو هئو، بيشڪ اهو رجوع ڪندڙ هو.

۽ داٶد کي سليمان (نالي پٽ) عطا ڪيوسون. (سليمان) چڱو ٻانهو هو. بيشڪ اهو (الله ڏانهن) ورڻ وارو هو. (ياد ڪر!) جڏهن

اِذْ عُرِضَ عَلَيْهِ بِالْعَشِيِّ الصّٰفِنٰتُ الْجِيَادُ ﴿٣١﴾ لا فَقَالَ اِنِّيْٓ اَحْبَبْتُ حُبَّ

(ياد ڪر) جڏهن پيش ڪيا ويا ان تي شام جو ڪُرڪٽي بيهندڙ ڀلا گهوڙا. پوءِ چيائين مون پسند ڪئي محبت مال جي

پوياڙيءَ جو تڪا گهوڙا وٽس پيش ڪيا ويا. پوءِ چيائين ته، بيشڪ مون پنهنجي پالڻهار جي ياد ڪرڻ کان (ڀلي هئڻ گهوڙن جي)

الْخَيْرِ عَنْ ذِكْرِ رَبِّيْ ج حَتّٰى تَوَارَتْ بِالْحِجَابِ ﴿٣٢﴾ وقفة رُدُّوْهَا عَلَيَّ ط فَطَفِقَ

پنهنجي رب جي ذڪر کان نيٺ ڍڪجي ويو سج پردي ۾. (چيائين) موٽايو انهن کي مون ڏانهن، پوءِ شروع ڪيائين

مال جي پيار کي (وڌيڪ) دوست رکيو، تان جو (سج) اوٽ جي پليان لڪيو (۽ وڃين نماز قضا ٿي). (چيائين ته هنن) گهوڙن کي مون وٽ

مَسْحًاۢ بِالسُّوْقِ وَالْاَعْنَاقِ ﴿٣٣﴾ وَلَقَدْ فَتَنَّا سُلَيْمٰنَ وَاَلْقَيْنَا

هٿ هلائڻ انهن جي پنين ۽ ڪنڌن تي. ۽ البت اسان آزمايو سليمان کي ۽ اڇلايوسون

موٽائي آڻيو، پوءِ (گهوڙن جي) ڄنگهن ۽ ڪنڌن تي (ڪهڻ لاءِ) هٿ لائڻ شروع ڪيائين. ۽ بيشڪ سليمان کي پرکيوسون ۽ سندس تخت تي

عَلٰى كُرْسِيِّهٖ جَسَدًا ثُمَّ اَنَابَ ﴿٣٤﴾ قَالَ رَبِّ اغْفِرْ لِيْ وَهَبْ لِيْ مُلْكًا لَّا

ان جي ڪرسيءَ تي هڪڙو جسم پوءِ انهيءَ رجوع ڪيو. چيائين اي رب منهنجا معاف ڪر مونکي ۽ ڏي مونکي اهڙي حڪومت جو

هڪ ڌڙ اڇليوسون، وري (الله ڏانهن) موٽيو. چيائين ته، اي منهنجا پالڻهارا مون کي بخش! ۽ مون کي اهڙي بادشاهي عطا ڪر جو

يَنۢبَغِيْ لِاَحَدٍ مِّنْۢ بَعْدِيْ ۚ اِنَّكَ اَنْتَ الْوَهَّابُ ﴿٣٥﴾ فَسَخَّرْنَا لَهُ الرِّيْحَ

نہ ھجي ڪنھين کي مون کان پوءِ، بيشڪ تون ئي عطا ڪندڙ آھين. پوءِ تابع ڪئي سون ان لاءِ ھوا

مون کان پوءِ ڪنھن کي بہ نہ جڳائي، بيشڪ تون ئي عطا ڪندڙ آھين. پوءِ واءُ کي سندس تابع ڪيوسون. جتي پھچڻ

تَجْرِيْ بِاَمْرِهٖ رُخَآءً حَيْثُ اَصَابَ ﴿٣٦﴾ وَالشَّيٰطِيْنَ كُلَّ بَنَّآءٍ وَّ

جاھلي پئي ان جي حڪم سان آرام سان جتي پھچڻ گھري ۽ پڻ شيطان سمورا اوساري وارا ۽

گھرندو ھو. (تتي) آرام سان سندس حڪم سان ھلندي ھئي. ۽ ديون کي (سندس تابع ڪيوسون) جو ھرھڪ عمارتون اڏيندڙ ۽

ع ٤ غَوَّاصٍ ﴿٣٧﴾ وَّاٰخَرِيْنَ مُقَرَّنِيْنَ فِي الْاَصْفَادِ ﴿٣٨﴾ هٰذَا عَطَآؤُنَا فَامْنُنْ

ٽوبا، ۽ ٻيا ٻڌل زنجيرن ۾. ھيءَ آھي بخشش اسان جي پوءِ تون ٿورو ڪرين

(دريا ۾) ٽٻندڙ ھو. ۽ ٻيا (ديو) زنجيرن ۾ جڪڙيل (تابع) ڪياسون. (چيوسون تہ) ھيءَ اسان جو ڏيڻ آھي. پوءِ (ڀل ڪنھن تي) احسان ڪر

اَوْ اَمْسِكْ بِغَيْرِ حِسَابٍ ﴿٣٩﴾ وَاِنَّ لَهٗ عِنْدَنَا لَزُلْفٰى وَحُسْنَ مَاٰبٍ ﴿٤٠﴾

يا بند ڪرين بنا ليکي. ۽ بيشڪ ان جو اسان وٽ وڏو مرتبو آھي ۽ عمدو آستانو.

يا رکي ڇڏ (جيئن توکي وڻي) تہ (توتي) حساب نہ آھي. ۽ بيشڪ اُن لاءِ اسان وٽ مرتبو ۽ چڱو موٽڻ جو ھنڌ آھي.

وقف لازم وَاذْكُرْ عَبْدَنَآ اَيُّوْبَ ۘ اِذْ نَادٰى رَبَّهٗٓ اَنِّيْ مَسَّنِيَ الشَّيْطٰنُ بِنُصْبٍ

۽ ياد ڪر اسان جي ٻانھي ايوب کي، جڏھن سڏيائين پنھنجي رب کي تہ مونکي ڏني آھي شيطان تڪليف

۽ اسان جي ٻانھي ايوب کي ياد ڪر، جڏھن پنھنجي پالڻھار کي ٻاڏايائين تہ مون کي شيطان تڪليف ۽ ايذاءُ

وَّعَذَابٍ ﴿٤١﴾ اُرْكُضْ بِرِجْلِكَ ۚ هٰذَا مُغْتَسَلٌۢ بَارِدٌ وَّشَرَابٌ ﴿٤٢﴾

۽ ايذاءُ. (چيوسون) ھڻ لت پنھنجي، اجھو ھيءُ وھنجڻ جو ٿڌو پاڻي آھي ۽ پيئڻ جو.

پھچايو آھي. (تڏھن چيوسون تہ زمين تي) پنھنجي لت ھڻ. جو ھيءُ (چشمو) وھنجڻ جو ھنڌ ٿڌو ۽ پيئڻ لاءِ (مٺو) آھي. ۽

وَوَهَبْنَا لَهٗٓ اَهْلَهٗ وَمِثْلَهُمْ مَّعَهُمْ رَحْمَةً مِّنَّا وَذِكْرٰى لِاُولِي الْاَلْبَابِ ﴿٤٣﴾

۽ ڏنوسون ان کي سندس گھرڀار ۽ انھن جھڙو ٻيو بہ انھن سان گڏ ٻاجھ پنھنجي سان ۽ يادگار عقلمندن لاءِ.

کيس سندس گھروارا ۽ ساڻن اوترا (ٻيا بہ) عطا ڪياسون (ھيءُ) اسان جي طرف کان ٻاجھ ۽ ڏيان وارن لاءِ نصيحت آھي.

وَخُذْ بِيَدِكَ ضِغْثًا فَاضْرِبْ بِّهٖ وَلَا تَحْنَثْ ۗ اِنَّا وَجَدْنٰهُ صَابِرًا ۗ

۽ وٺ پنھنجي ھٿ ۾ موڙھاتي پوءِ ھڻ اھا ۽ نہ پيچ قسم، بيشڪ اسان لڌوسون ان کي صبر وارو.

۽ (چيوسون تہ) پنھنجي ھٿ ۾ ٻھارو وٺ پوءِ اُن سان (پنھنجيءَ زال کي) ڌڪ ھڻ ۽ قسم نہ ڀڃ! بيشڪ اسان کيس صابر لڌو

نِعْمَ الْعَبْدُ ۗ اِنَّهٗٓ اَوَّابٌ ﴿٤٤﴾ وَاذْكُرْ عِبٰدَنَآ اِبْرٰهِيْمَ وَاِسْحٰقَ وَيَعْقُوْبَ

اھو ڀلو ٻانھو ھو. اھو رجوع ڪندڙ ھو. ۽ ياد ڪر اسان جي ٻانھن ابراھيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب کي

(ايوب) چڱو ٻانھو ھو اھو (الله ڏانھن) ورڻ وارو ھو. ۽ اسان جي ٻانھن ابراھيم ۽ اسحاق ۽ يعقوب کي ياد ڪر جي ھٿن

أُولِي الْأَيْدِي وَالْأَبْصَارِ ﴿۴۵﴾ إِنَّا أَخْلَصْنَاهُمْ بِخَالِصَةٍ ذِكْرَى الدَّارِ ﴿۴۶﴾

اهي وڏي طاقت ۽ نظر وارا هئا. اسان چونڊيوسون انهن کي خاص وصف سان جا يادگيري آخرت جي آهي.

۽ اکين وارا (يعني علم ۽ عمل وارا) هئا. بيشڪ اسان کين هڪ پاڪ عادت لاءِ نرالو ڪيو جو آخرت جو ياد ڪرڻ آهي.

وَإِنَّهُمْ عِنْدَنَا لَمِنَ الْمُصْطَفَيْنَ الْأَخْيَارِ ﴿۴۷﴾ وَاذْكُرْ إِسْمَاعِيلَ وَالْيَسَعَ

۽ بيشڪ اهي اسان وٽ آهن چونڊيل ڀلارن مان. ۽ ياد ڪر اسماعيل ۽ يسع

۽ بيشڪ اهي اسان وٽ چونڊيل ڀلارن مان هئا. ۽ اسماعيل ۽ يسع ۽ ذوالڪفل کي ياد ڪر!

وَذَا الْكِفْلِ ۖ وَكُلٌّ مِنَ الْأَخْيَارِ ﴿۴۸﴾ هَٰذَا ذِكْرٌ ۚ وَإِنَّ لِلْمُتَّقِينَ لَحُسْنَ

۽ ذالڪفل کي، ۽ هئا سمورا ڀلارن مان. هي آهي بيان، ۽ بيشڪ پرهيزگارن لاءِ آهي سهڻو

۽ هرهڪ نيڪن مان هو. هيءُ (قرآن) نصيحت آهي ۽ بيشڪ پرهيزگارن لاءِ چڱو موٽڻ جو هنڌ آهي.

مَآبٍ ﴿۴۹﴾ جَنَّاتِ عَدْنٍ مُفَتَّحَةً لَهُمُ الْأَبْوَابُ ﴿۵۰﴾ مُتَّكِئِينَ فِيهَا يَدْعُونَ

ماڳ. باغ هميشه رهڻ لاءِ کليل انهن لاءِ دروازا. ٽيڪ ڏيندي ان ۾ گهرائيندا

(يعني) هميشه (رهڻ) جا باغ آهن، (جن جا) دروازا انهن لاءِ کليل آهن. اُتي ٽيڪ ڏيندڙ هوندا،

فِيهَا بِفَاكِهَةٍ كَثِيرَةٍ وَشَرَابٍ ﴿۵۱﴾ وَعِنْدَهُمْ قَاصِرَاتُ الطَّرْفِ أَتْرَابٌ ﴿۵۲﴾

اتي ميوا گهڻا ۽ پيئڻ جون شيون. ۽ انهن وٽ هونديون نظر هيٺ ڪندڙ هڪ جيڏيون.

اُتي گهڻا ميوا ۽ شراب پيا گهرندا. ۽ وٽن هيٺ نگاهه ڪرڻ واريون ۽ عمر ۾ هڪ جيڏيون (زالون) هونديون.

هَٰذَا مَا تُوعَدُونَ لِيَوْمِ الْحِسَابِ ﴿۵۳﴾ إِنَّ هَٰذَا لَرِزْقُنَا مَا لَهُ مِنْ نَفَادٍ ﴿۵۴﴾ الثلثة

هي اهو آهي جو وعدو ڪيا وڃو ٿا ڏينهن قيامت لاءِ. بيشڪ هي اسان جو رزق آهي جنهن کي ڪا کوٽ ناهي.

هيءُ اهو آهي جنهن جو حساب جي ڏينهن لاءِ انجام ڏنو وڃيو ٿو. بيشڪ اهو اسان جو رزق آهي، جنهن کي ڪا کوٽ نه هوندي.

هَٰذَا ۚ وَإِنَّ لِلطَّاغِينَ لَشَرَّ مَآبٍ ﴿۵۵﴾ جَهَنَّمَ يَصْلَوْنَهَا فَبِئْسَ الْمِهَادُ ﴿۵۶﴾

اهو برحق ۽ بيشڪ بي فرمانن لاءِ آهي برو ٺڪاڻو. دوزخ، جنهن ۾ پوندا، پوءِ بڇڙو آهي اهو وڇاڻو.

اِهو (بدلو ڀلارن لاءِ) آهي ۽ بيشڪ حد کان لنگهندڙن لاءِ بڇڙو موٽڻ جو هنڌ آهي!. (جو) دوزخ آهي، اُن ۾ گهڙندا (۽) پوءِ (اهو) بڇڙو وڇاڻو آهي!

هَٰذَا فَلْيَذُوقُوهُ حَمِيمٌ وَغَسَّاقٌ ﴿۵۷﴾ وَآخَرُ مِنْ شَكْلِهِ أَزْوَاجٌ ﴿۵۸﴾ هَٰذَا

اهو، پوءِ ڀل چکن ان کي گرم پاڻي ۽ رت پونءِ آهي، ۽ ٻيا به ان جهڙا ڪيئي عذاب. هيءُ

هيءُ (عذاب) ڪوسو پاڻي آهي ۽ پونءِ آهي پوءِ ڀلي ته اهو چکن! ۽ اهڙو قسمين قسمين ٻيو (عذاب) به آهي. (ڏوهارين جي اڳواڻن کي چئبو ته) هي (ڪافر)

فَوْجٌ مُقْتَحِمٌ مَعَكُمْ ۖ لَا مَرْحَبًا بِهِمْ ۚ إِنَّهُمْ صَالُو النَّارِ ﴿۵۹﴾ قَالُوا بَلْ أَنْتُمْ

فوج لنگهي آئي توهان سان گڏ، ناهي مرحبا انهن کي، بيشڪ اهي پوندا باهه ۾. چوندا پر توهان ئي آهيو،

هڪ ٽولي آهي جا (باهه ۾) اوهان سان گڏ گهڙڻ واري آهي، (اڳواڻ چوندا ته) شال کين ڪا ويڪري جاءِ نه هجي! ڇو ته اهي باهه ۾ گهڙڻ وارا آهن. (تابع) چوندا ته

لَا مَرْحَبًا بِكُمْ ۭ اَنْتُمْ قَدَّمْتُمُوْهُ لَنَا ۚ فَبِئْسَ الْقَرَارُ ﴿٦٠﴾ قَالُوْا رَبَّنَا مَنْ
ناهي مرحبا توهان کي. توهان ئي اڳي کيو ان کي اسان لاءِ پوءِ بڇڙي آهي اها جاءِ رهڻ جي. چوندا اي رب اسان جا جنهن
(نہ!) بلڪ اوهان کي شال ڪا ويڪري جاءِ نہ هجي! (جو) اوهان اسان لاءِ ڪفر کي پراڻي رسم ڪري چليو پوءِ (دوزخ) بڇڙي جاءِ آهي. چوندا تہ اي اسان

قَدَّمَ لَنَا هٰذَا فَزِدْهُ عَذَابًا ضِعْفًا فِي النَّارِ ﴿٦١﴾ وَقَالُوْا مَا لَنَا لَا نَرٰى
اڳيان آندي اسان لاءِ اها پوءِ وڌائج ان لاءِ عذاب ٻيڻو باھ ۾. ۽ چوندا ڇا ٿيو آهي اسان کي جو نہ ٿا ڏسون
جا پالڻهار! جنهن اسان لاءِ هيءُ (ڪفر جي) پراڻي رسم ٺاهي هجي، تنهن جي حق ۾ دوزخ ۾ ٻيڻو عذاب زياده ڪر. ۽ (دوزخي) چوندا تہ اسان کي ڇا (ٿيو) آهي

رِجَالًا كُنَّا نَعُدُّهُمْ مِّنَ الْاَشْرَارِ ﴿٦٢﴾ اَتَّخَذْنٰهُمْ سِخْرِيًّا اَمْ زَاغَتْ عَنْهُمُ
اهي ماڻهو جنکي شمار ڪندا هئاسون شريرن ۾. ڇا اسان ورتو هئوسون انهن کي مسخري ڪري يا لڙي ويون آهن انهن کان
جو (انهن مسلمانن مسڪينن) ماڻهن کي نہ ٿا ڏسون، جن کي بڇڙن مان ڳڻيندا هئاسون؟ (ناحق) ساڻن ٺٺوليون ڪندا هئاسون ڇا يا ڪاڻن (اسان جون) اکيون

ع٤ الْاَبْصَارُ ﴿٦٣﴾ اِنَّ ذٰلِكَ لَحَقٌّ تَخَاصُمُ اَهْلِ النَّارِ ﴿٦٤﴾ قُلْ اِنَّمَآ اَنَا مُنْذِرٌ ۖ وَّ
نگاهون. بيشڪ اهو حق آهي جهڳڙو دوزخ وارن جو. تون چؤ رڳو مون ڏيڄاريندڙ آهيان ۽
ترڪيون آهن؟ بيشڪ دوزخين جو پاڻ ۾ جهيڙو ڪرڻ اها (هڪ) سچي (ڳالهہ) آهي. (ڪين) چئو تہ آءٌ رڳو ڏيڄاريندڙ آهيان ۽

مَا مِنْ اِلٰهٍ اِلَّا اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿٦٥﴾ رَبُّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا
ناهي ڪوئي حاڪم مگر الله واحد القهار. پالڻهار آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي
(رڳو) اڪيلي زبردست الله کان سواءِ (ٻيو) ڪوبہ عبادت جو لائق نہ آهي. آسمانن ۽ زمين جو ۽ جيڪي انهن (ٻنهي) جي وچ ۾ آهي،

بَيْنَهُمَا الْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ ﴿٦٦﴾ قُلْ هُوَ نَبَؤٌا عَظِيْمٌ ﴿٦٧﴾ اَنْتُمْ عَنْهُ مُعْرِضُوْنَ ﴿٦٨﴾
انهن جي وچ ۾ آهي زبردست بخشڻهار. چؤ اها خبر وڏي آهي، توهان ان کان منهن موڙيندڙ آهيو.
تنهن جو پالڻهار غالب بخشڻهار آهي. (ڪين) چئو تہ اهو (قرآن) هڪ وڏي خبر آهي. اوهين ڪانئس منهن موڙيندڙ آهيو.

مَا كَانَ لِيَ مِنْ عِلْمٍۢ بِالْمَلَاِ الْاَعْلٰٓى اِذْ يَخْتَصِمُوْنَ ﴿٦٩﴾ اِنْ يُّوْحٰٓى اِلَيَّ
نہ هئي مون کي ڪا ڄاڻ جماعت مٿينءَ جي جنهن وقت انهن ڇؤ پڇؤ ڪئي. رڳو وحي ڪيو وڃي ٿو مون ڏانهن
مون کي (انهيءَ جماعت) وڏي مرتبي وارن ملائڪن (جي حال) جي ڪابہ خبر نہ آهي، جڏهن (اهي) پاڻ ۾ سوال جواب ڪندا آهن. مون ڏانهن هيءُ

اِلَّآ اَنَّمَآ اَنَا نَذِيْرٌ مُّبِيْنٌ ﴿٧٠﴾ اِذْ قَالَ رَبُّكَ لِلْمَلٰٓئِكَةِ اِنِّيْ خَالِقٌۢ بَشَرًا
تہ بيشڪ آهيان مان ڏيڄاريندڙ پڌرو. جنهن وقت چيو رب تنهنجي ملائڪن کي تہ مان پيدا ڪندڙ آهيان انسان کي
ئي وحي ٿيندو آهي تہ آءٌ رڳو پڌرو ڏيڄاريندڙ آهيان. (ياد ڪر!) جڏهن تنهنجي پالڻهار ملائڪن کي چيو تہ بيشڪ آءٌ گاري مان هڪ ماڻهو بڻائڻ وارو آهيان.

مِّنْ طِيْنٍ ﴿٧١﴾ فَاِذَا سَوَّيْتُهٗ وَنَفَخْتُ فِيْهِ مِنْ رُّوْحِيْ فَقَعُوْا لَهٗ
مٽي مان. پوءِ جڏهن ٺاهيان ان کي ۽ ڦوڪيان ان ۾ پنهنجو روح تہ ڪري پئجو ان لاءِ
پوءِ جڏهن ڪيس پورو ٺاهي وٺان ۽ منجهس پنهنجو روح ڦوڪيان، تڏهن ڪيس سجدو ڪندڙ ٿي ڪري پئجو.

سٰجِدِيْنَ ﴿٧٢﴾ فَسَجَدَ الْمَلٰٓئِكَةُ كُلُّهُمْ اَجْمَعُوْنَ ﴿٧٣﴾ اِلَّآ اِبْلِيْسَ ؕ اِسْتَكْبَرَ

سجدو كندڙ ثي. پوءِ سجدو كيو ملائكن سمورن مڙني. مگر ابليس، وڏائي كيائين

پوءِ ملائكن مڙني گڏجي سجدو كيو. پر ابليس (سجدو نہ كيو) هن وڏائي كئي ۽ كافرن مان ٿيو.

وَكَانَ مِنَ الْكٰفِرِيْنَ ﴿٧٤﴾ قَالَ يٰٓاِبْلِيْسُ مَا مَنَعَكَ اَنْ تَسْجُدَ لِمَا خَلَقْتُ

۽ ٿيو كافرن مان. فرمايائين اي ابليس! كنهن روكيو توكي سجدي كرڻ كان ان كي جو مون ٺاهيو

(الله) چيو تہ، اي ابليس! جنهن كي پنهنجن ٻنهي هٿن سان پيدا كيم، تنهن كي سجدي كرڻ كان توكي كهڙيءَ ڳالهہ جهليو؟

بِيَدَيَّ ؕ اَسْتَكْبَرْتَ اَمْ كُنْتَ مِنَ الْعَالِيْنَ ﴿٧٥﴾ قَالَ اَنَا خَيْرٌ مِّنْهُ ؕ خَلَقْتَنِيْ

پنهنجي هٿن سان، ڇا تو وڏائي كئي يا آهين تون مرتبي وارن مان؟ چيائين مان ڀلو آهيان انهي كان، پيدا كيو تو مونكي

تو وڏائي كئي ڇا يا تون (حقيقت ۾) وڏي مرتبي وارن مان آهين؟. ابليس چيو تہ، آءٌ ان كان ڀلو آهيان. (جو) مون كي باهہ

مِنْ نَّارٍ وَّخَلَقْتَهٗ مِنْ طِيْنٍ ﴿٧٦﴾ قَالَ فَاخْرُجْ مِنْهَا فَاِنَّكَ رَجِيْمٌ ﴿٧٧﴾

باهہ مان ۽ پيدا كيئي هن كي متي مان. فرمايائين تہ نكري وڃ هن جنت مان پوءِ بلاشك تون تڙيل آهين.

مان بڻايئي ۽ اُن كي متيءَ مان بڻايئي. الله چيو تہ، (بس هيئنر ئي) اُن مان نكر جو بيشك تون تڙيل آهين.

وَّاِنَّ عَلَيْكَ لَعْنَتِيْٓ اِلٰى يَوْمِ الدِّيْنِ ﴿٧٨﴾ قَالَ رَبِّ فَاَنْظِرْنِيْٓ اِلٰى يَوْمِ

۽ بيشك توتي لعنت منهنجي آهي ڏينهن قيامت تائين. چيائين رب منهنجا پوءِ مهلت ڏي مونكي ان ڏينهن تائين

۽ بيشك توتي جزا جي ڏينهن تائين منهنجي لعنت آهي. اُن چيو تہ، اي منهنجا پالڻهار! تڏهن اُنهيءَ ڏينهن تائين مون كي مهلت ڏي،

يُبْعَثُوْنَ ﴿٧٩﴾ قَالَ فَاِنَّكَ مِنَ الْمُنْظَرِيْنَ ﴿٨٠﴾ اِلٰى يَوْمِ الْوَقْتِ الْمَعْلُوْمِ ﴿٨١﴾

جنهن ۾ اٿاريا ويندا. فرمايائين پوءِ تون مهلت ڏنلن مان آهين، مقرر وقت جي ڏينهن تائين.

(جنهن ڏينهن سڀ ماڻهو قبرن مان) اٿاريا وڃن. الله فرمايو تہ، (چڱو) بيشك تون مهلت ڏنلن مان آهين. اُنهيءَ ٺهرايل وقت جي ڏينهن تائين.

قَالَ فَبِعِزَّتِكَ لَاُغْوِيَنَّهُمْ اَجْمَعِيْنَ ﴿٨٢﴾ اِلَّا عِبَادَكَ مِنْهُمُ الْمُخْلَصِيْنَ ﴿٨٣﴾

چيائين تنهنجي عزت جو قسم تہ ضرور گمراهہ كندس انهن سڀني كي. مگر ٻانها تنهنجا انهن مان چونڊيل.

(ابليس) چيو تہ، تڏهن تنهنجي عزت جو قسم آهي! تہ ضرور انهن مڙني كي گمراهہ كندس، منجهانئن تنهنجن خالص ٻانهن كان سواءِ (جو انهن تي

قَالَ فَالْحَقُّ ؗ وَالْحَقَّ اَقُوْلُ ﴿٨٤﴾ لَاَمْلَئَنَّ جَهَنَّمَ مِنْكَ وَمِمَّنْ تَبِعَكَ مِنْهُمْ

فرمايائين تہ هي سچ آهي ۽ آءٌ سچ چوان ٿو. تہ ضرور ضرور ڀريندم دوزخ توسان ۽ انهن سان جيكي تنهنجي پٺيان لڳا انهن

وس نہ هلندو). الله فرمايو تہ، (اها ڳالهہ) سچ آهي ۽ (آءٌ) سچ چوان ٿو. تہ توسان ۽ منجهانئن جيكي تنهنجي پيروي كندا تن مڙني سان دوزخ كي

اَجْمَعِيْنَ ﴿٨٥﴾ قُلْ مَآ اَسْئَلُكُمْ عَلَيْهِ مِنْ اَجْرٍ وَّمَآ اَنَا مِنَ الْمُتَكَلِّفِيْنَ ﴿٨٦﴾

سڀني سان. اي نبي چؤ آءٌ نہ ٿو گهران ان تي كو اجورو ۽ نہ آهيان مون بناوت كندڙن مان.

ضرور ڀريندس. (اي پيغمبر! كين) چئو تہ، آءٌ اوهان كان قرآن (پهچائڻ) بابت كو اجورو نہ ٿو گهران ۽ نكي آءٌ (كوڙ) ٺاهڻ وارن مان آهيان.

إِنْ هُوَ إِلَّا ذِكْرٌ لِّلْعٰلَمِيْنَ ﴿٨٧﴾ وَلَتَعْلَمُنَّ نَبَاَهٗ بَعْدَ حِيْنٍ ﴿٨٨﴾ ع

اهو (قرآن) رڳو نصيحت آهي جهان وارن لاءِ. ۽ ضرور ضرور ڄاڻندؤ ان جي حقيقت ڪجهه وقت ڪان پوءِ.

هي (قرآن) ته جهانن لاءِ نصيحت آهي. ۽ ڪنهن وقت ڪان پوءِ ان (جي سچائي) جي خبر ضرور اوهين ڄاڻندؤ.

سُوْرَةُ الزُّمَرِ مَكِّيَّةٌ — بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ — اٰيَاتُهَا ٧٥ رُكُوْعَاتُهَا ٨

شروع الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان.

الله ٻاجهاري مهربان جي نالي سان (شروع)

تَنْزِيْلُ الْكِتٰبِ مِنَ اللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَكِيْمِ ﴿١﴾ اِنَّآ اَنْزَلْنَآ اِلَيْكَ الْكِتٰبَ

نازل ڪرڻ ڪتاب جو آهي الله زبردست حڪمت واري طرفان. بيشڪ اسان لاٿوسون توڏانهن ڪتاب

(هن) ڪتاب جو نازل ڪرڻ غالب حڪمت واري الله (جي طرف) کان آهي. بيشڪ اسان توڏانهن سچ سان ڪتاب نازل ڪيو

بِالْحَقِّ فَاعْبُدِ اللّٰهَ مُخْلِصًا لَّهُ الدِّيْنَ ﴿٢﴾ اَلَا لِلّٰهِ الدِّيْنُ الْخَالِصُ ط

حق سان پوءِ بندگي ڪر الله جي نجوٽي ان جي ٻانهپ لاءِ. خبردار الله لاءِ ئي آهي ٻانهپ نجي.

ته الله لاءِ (پنهنجيءَ) عبادت کي خالص ڪري خاص ان جي عبادت ڪر. خبردار ٿيءُ! خالص عبادت الله ئي جي لاءِ آهي.

وَالَّذِيْنَ اتَّخَذُوْا مِنْ دُوْنِهٖٓ اَوْلِيَآءَ م مَا نَعْبُدُهُمْ اِلَّا لِيُقَرِّبُوْنَآ اِلَى

وقف لازم

۽ جن بنايا ان ڪان سواءِ مددگار، ته نه ٿا پوڄون انهن کي مگر جيئن ويجهو ڪن اسان جو

۽ جن الله ڪان سواءِ ٻيا دوست ڪري ورتا، (سي چوندا آهن ته) انهن کي رڳو هن لاءِ پوڄيندا آهيون ته اسان کي

اللّٰهِ زُلْفٰى ط اِنَّ اللّٰهَ يَحْكُمُ بَيْنَهُمْ فِيْ مَا هُمْ فِيْهِ يَخْتَلِفُوْنَ ۵ اِنَّ

الله ڏانهن درجو، بيشڪ الله فيصلو ڪندو انهن جي وچ ۾ جنهن شيءِ ۾ اهي جهڳڙو ڪن ٿا، بيشڪ

الله ڏانهن مرتبي ۾ ويجهو ڪن. جنهن (ڳالهه) بابت اُهي جهڳڙو ڪندا آهن. تنهن بابت بيشڪ اُنهن جي وچ ۾ الله فيصلو ڪندو.

اللّٰهَ لَا يَهْدِيْ مَنْ هُوَ كٰذِبٌ كَفَّارٌ ﴿٣﴾ لَوْ اَرَادَ اللّٰهُ اَنْ يَّتَّخِذَ وَلَدًا

الله نه ٿو رستو ڏئي انکي جيڪو ڪوڙو آهي نه مڃيندڙ آهي. جيڪڏهن گهري ها الله اولاد بنائڻ

بيشڪ الله اُنهيءَ کي سڌو رستو نه ڏيکاريندو آهي جيڪو ڪوڙو (۽) بي شڪر آهي. جيڪڏهن الله (پاڻ لاءِ) اولاد وٺڻ گهري ها ته

لَّاصْطَفٰى مِمَّا يَخْلُقُ مَا يَشَآءُ لا سُبْحٰنَهٗ ط هُوَ اللّٰهُ الْوَاحِدُ الْقَهَّارُ ﴿٤﴾

ته چوندي ها پنهنجي مخلوق مان جنهن کي چاهي، اهو پاڪ آهي، اهو الله اڪيلو آهي ڏاڍو آهي.

جيڪي (ڪجهه) بڻايو اٿس، تنهن مان جيڪو وڻيس ها سو چوندي ها، (پر) ان جي ذات پاڪ آهي، اهو ته الله اڪيلو (۽) زبردست آهي.

خَلَقَ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ بِالْحَقِّ ج يُكَوِّرُ الَّيْلَ عَلَى النَّهَارِ وَيُكَوِّرُ

پيدا ڪيائين آسمان ۽ زمين کي پوري طرح، ويڙهي ٿو رات کي ڏينهن تي ۽ ويڙهي ٿو

آسمان ۽ زمين کي (پوريءَ) رٿ سان بڻايائين، رات کي ڏينهن تي ليٽيندو آهي ۽ ڏينهن کي رات تي

النَّهَارَ عَلَى الَّيْلِ وَسَخَّرَ الشَّمْسَ وَالْقَمَرَ ط كُلٌّ يَّجْرِيْ لِاَجَلٍ مُّسَمًّى ط

ڏينهن کي رات تي ۽ ڪم لاتائين سج ۽ چنڊ کي هرهڪ هلي ٿو وقت مقرر لاءِ.

ليپيٽيندو آهي ۽ سج ۽ چنڊ کي تابع ڪيائين، هرهڪ ٺهرايل مدت تي هلندو آهي.

اَلَا هُوَ الْعَزِيْزُ الْغَفَّارُ ⑤ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ ثُمَّ جَعَلَ

خبردار اهوئي زبردست آهي بخشڻهار آهي. پيدا ڪيائين توهان کي جيءَ هڪڙي مان پوءِ ٺاهيائين

خبردار! اهو (ئي) غالب بخشڻهار آهي. اوهان کي هڪ جيءَ مان بڻايائين، وري منجهانئس

مِنْهَا زَوْجَهَا وَاَنْزَلَ لَكُمْ مِّنَ الْاَنْعَامِ ثَمٰنِيَةَ اَزْوَاجٍ ط يَخْلُقُكُمْ

ان مان سندس زال ۽ لاٿائين توهان لاءِ ڍورن مان اٺ نر ماد پيدا ڪري ٿو توهان کي

سندس زال کي پيدا ڪيائين ۽ ڍورن مان اٺ قسم اوهان لاءِ لاٿائين. اوهان کي اوهان جي

فِيْ بُطُوْنِ اُمَّهٰتِكُمْ خَلْقًا مِّنْۢ بَعْدِ خَلْقٍ فِيْ ظُلُمٰتٍ ثَلٰثٍ ط

مائرن جي پيٽن ۾ هڪ بناوت پٺيان ٻيءَ بناوت سان انڌيرن ٽن ۾،

مائن جي پيٽن ۾ هڪ (قسم جي) بڻاوت کانپوءِ ٻئي (قسم جي) بڻاوت، ٽن اونداهين ۾ پيدا ڪندو آهي، اهو الله اوهان

ذٰلِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمْ لَهُ الْمُلْكُ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ ج فَاَنّٰى تُصْرَفُوْنَ ⑥ اِنْ

اهو اٿو الله پالڻهار توهان جو انهيءَ جوئي ملڪ آهي، ناهي ڪوئي بندگي جي لائق انهيءَ کان سواءِ، پوءِ ڪيڏانهن ڦيريا وڃو. جيڪڏهن

جو پالڻهار آهي، ان جي ئي (ساري) بادشاهي آهي. ان کان سواءِ (ٻيو) ڪو عبادت جو لائق نه آهي، پوءِ ڪيڏانهن ڦرايا وڃو ٿا آهيو؟ جيڪڏهن

تَكْفُرُوْا فَاِنَّ اللّٰهَ غَنِيٌّ عَنْكُمْ قف وَلَا يَرْضٰى لِعِبَادِهِ الْكُفْرَ ج وَاِنْ

منڪر ٿيندؤ ته بيشڪ الله بي پرواهه آهي توهان کان، ۽ نه ٿو پسند ڪري پنهنجي ٻانهن لاءِ ڪفر ڪي، ۽ جيڪڏهن

بي شڪري ڪندؤ ته بيشڪ الله اوهان کان بيپرواهه آهي ۽ پنهنجن ٻانهن جي بي شڪريءَ کي پسند نه ڪندو آهي ۽ جيڪڏهن

تَشْكُرُوْا يَرْضَهُ لَكُمْ ط وَلَا تَزِرُ وَازِرَةٌ وِّزْرَ اُخْرٰى ط ثُمَّ اِلٰى رَبِّكُمْ

شڪر ڪندؤ ته اهو پسند ڪندو ان کي توهان لاءِ، ۽ نه کڻندو ڪوئي بار کڻندڙ بار ٻئي جو، پوءِ پنهنجي رب ڏانهن

شڪر ڪندؤ ته اوهان لاءِ ان کي پسند ڪندو ۽ ڪو بار کڻندڙ ٻئي جو بار نه کڻندو، وري اوهان جو موٽڻ پنهنجي پالڻهار

مَّرْجِعُكُمْ فَيُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ ط اِنَّهٗ عَلِيْمٌۢ بِذَاتِ الصُّدُوْرِ ⑦

آهي موٽڻ توهان جو اهو خبر ڏيندو توهان کي جيڪي توهان ڪندا هئا. بيشڪ اهو ڄاڻندڙ آهي دلين جي راز کي،

ڏانهن آهي، پوءِ جيڪي ڪندا هيؤ تنهن جي اوهان کي سڌ ڏيندو. بيشڪ، اهو سينن وارو (ڳجهه) ڄاڻندڙ آهي.

وَاِذَا مَسَّ الْاِنْسَانَ ضُرٌّ دَعَا رَبَّهٗ مُنِيْبًا اِلَيْهِ ثُمَّ اِذَا خَوَّلَهٗ نِعْمَةً

۽ جڏهن پهچي ٿي ماڻهوءَ کي ڪا مصيبت پڪاري ٿو پنهنجي رب کي رجوع ٿيندي انهيءَ ڏانهن پوءِ جڏهن بخشي ٿو ان کي نعمت

۽ جڏهن ماڻهوءَ کي ڪو ڏک پهچندو آهي (تڏهن) پنهنجي پالڻهار کي ڏانهس ورندڙ ٿي سڏيندو آهي، وري جڏهن پاڻ وٽان ڪيس ڪا نعمت بخشيندو آهي،

مِّنۡهُ نَسِیَ مَا كَانَ یَدۡعُوۡۤا اِلَیۡهِ مِنۡ قَبۡلُ وَجَعَلَ لِلّٰهِ اَنۡدَادًا لِّیُضِلَّ

پنهنجي تہ وساريائين اها جنهن ڏانهن ان کي سڏيندو هيو اڳي ۽ بڻاياٸين الله لاءِ شريڪ جيئن گمراهہ ڪري

(تڏهن) جنهن (مطلب) لاءِ اڳ سڏيندو هو، تنهن کي وساريندو آهي ۽ الله لاءِ شريڪ مقرر ڪندو آهي، تہ سندس وات کان (ماڻهن کي) ڀلائي،

عَنۡ سَبِیۡلِهٖ ؕ قُلۡ تَمَتَّعۡ بِكُفۡرِكَ قَلِیۡلًا ۖ ۗ اِنَّكَ مِنۡ اَصۡحٰبِ النَّارِ ⑧

ان جي رستي کان، اي نبي چوينس فائدو وٺ پنهنجي ڪفر مان ٿورو، بيشڪ تون آهين دوزخ وارن مان.

(اي پيغمبر!) چئو تہ، (اي ڪافر!) پنهنجي ڪفر (جي حالت) ۾ ٿورو (وقت) نفعو وٺ! بيشڪ تون دوزخين مان آهين.

اَمَّنۡ هُوَ قَانِتٌ اٰنَآءَ الَّیۡلِ سَاجِدًا وَّقَآئِمًا یَّحۡذَرُ الۡاٰخِرَةَ وَیَرۡجُوۡا

ڇا جيڪو بندگي ڪندڙ آهي گهڙيون رات جون سجدو ڪندي، ۽ قيام ڪندي ڊڄي ٿو آخرت کان ۽ آسرو ڪري ٿو

ڀلا جيڪو رات جي وقتن ۾ سجدو ڪندڙ ۽ بيهي عبادت ڪندڙ آهي، آخرت (جي عذاب) کان ڊڄندو آهي ۽ پنهنجي پالڻهار

رَحۡمَةَ رَبِّهٖ ؕ قُلۡ هَلۡ یَسۡتَوِی الَّذِیۡنَ یَعۡلَمُوۡنَ وَالَّذِیۡنَ لَا یَعۡلَمُوۡنَ ؕ

ٻاجهہ پروردگار جو چؤ ڇا برابر ٿيندا آهي جيڪي ڄاڻن ٿا ۽ جيڪي نہ ٿا ڄاڻن،

جي ٻاجهہ جي اميد رکندو آهي (سو ڀلو آهي يا اُهو بي شڪر مشرڪ؟). (اي پيغمبر!) چئو تہ، سمجهہ وارا ۽ بي سمجهہ (پاڻ ۾) برابر

اِنَّمَا یَتَذَكَّرُ اُولُوا الۡاَلۡبَابِ ⑨ ع قُلۡ یٰعِبَادِ الَّذِیۡنَ اٰمَنُوا اتَّقُوۡا رَبَّكُمۡ ؕ ع ٩/١٥

رڳو سمجهن ٿا عقل وارا. چؤ اي منهنجا ٻانهؤ! جن ايمان آندو ڊڄو پنهنجي رب کان،

ٿيندا ڇا؟ ڏيان وارائي نصيحت وٺندا آهن. چئو تہ، اي منهنجا مومن ٻانهؤ! پنهنجي پالڻهار کان ڊڄو.

لِلَّذِیۡنَ اَحۡسَنُوۡا فِیۡ هٰذِهِ الدُّنۡیَا حَسَنَةٌ ؕ وَاَرۡضُ اللّٰهِ وَاسِعَةٌ ؕ اِنَّمَا

انهن لاءِ، جن چڱائي ڪئي هن دنيا ۾، چڱائي آهي، ۽ الله جي ڌرتي ويڪري آهي، رڳو

جن هن دنيا ۾ چڱائي ڪئي، تن ئي لاءِ (آخرت ۾) چڱائي آهي ۽ الله جو ملڪ ويڪرو آهي، رڳو صابرن کي

یُوَفَّی الصّٰبِرُوۡنَ اَجۡرَهُمۡ بِغَیۡرِ حِسَابٍ ⑩ قُلۡ اِنِّیۡۤ اُمِرۡتُ اَنۡ اَعۡبُدَ

ڏنو ويندو قرار وارن کي سندن اجورو اڻ ڳڻيو. چؤ مونکي حڪم ٿيو آهي تہ عبادت ڪريان

سندس بدلو اڻ ڪٿ ڏبو. (اي پيغمبر! ڪين) چئو تہ، بيشڪ مون کي حڪم ٿيو آهي تہ الله لاءِ (پنهنجي) عبادت

اللّٰهَ مُخۡلِصًا لَّهُ الدِّیۡنَ ⑪ۙ وَاُمِرۡتُ لِاَنۡ اَكُوۡنَ اَوَّلَ الۡمُسۡلِمِیۡنَ ⑫ قُلۡ

الله جي نجي ڪندي ان جي ٻانهپ، ۽ حڪم ٿيو اٿم تہ هجان اول فرمانبردارن مان. چؤ

خالص ڪري رڳو ان جي عبادت ڪريان. ۽ مون کي حڪم ٿيو آهي تہ (سڀ کان) پهريون حڪم مڃيندڙ (آءٌ ئي) هجان. چئو تہ،

اِنِّیۡۤ اَخَافُ اِنۡ عَصَیۡتُ رَبِّیۡ عَذَابَ یَوۡمٍ عَظِیۡمٍ ⑬ قُلِ اللّٰهَ اَعۡبُدُ

مون ڊڄان ٿو جي بي فرماني ڪيم پنهنجي رب جي، عذاب ڏينهن وڏي کان. چؤ الله جي ئي عبادت ڪريان ٿو

جيڪڏهن آءٌ پنهنجي پالڻهار جي نافرماني ڪريان تہ بيشڪ آءٌ وڏي ڏينهن جي عذاب کان ڊڄان ٿو. چئو تہ، پنهنجي عبادت

مُخْلِصًا لَّهٗ دِيْنِيْ ﴿١٤﴾ فَاعْبُدُوْا مَا شِئْتُمْ مِّنْ دُوْنِهٖ ۭ قُلْ اِنَّ الْخٰسِرِيْنَ

نجي ڪندي ان لاءِ پنهنجي پانهپ. پوءِ توهان پوڄا ڪريو جنهن جي وڻيو انهيءَ ڪان سواءِ. چئو بلاشڪ نقصان وارا

الله لاءِ خالص ڪري فقط ان جي عبادت ڪريان ٿو. پوءِ الله ڪان سواءِ جنهن ڪي (اوهين) گهرو تنهن ڪي پوڄيو (ڪين) چئو ته، بيشڪ ٽوٽي وارا

الَّذِيْنَ خَسِرُوْٓا اَنْفُسَهُمْ وَاَهْلِيْهِمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ۭ اَلَا ذٰلِكَ هُوَ الْخُسْرَانُ

اهي آهن جن زيان ڪيو پنهنجي سرن جو ۽ پهنجي گهروارن جو قيامت ڏينهن، خبردار اهو ئي نقصان آهي

اهي آهن (جن گمراهه ٿيڻ سبب) پاڻ ڪي ۽ پنهنجن گهروارن ڪي قيامت جي ڏينهن خساري ۾ وڌو، خبردار! اهو ئي پڌرو نقصان آهي.

الْمُبِيْنُ ﴿١٥﴾ لَهُمْ مِّنْ فَوْقِهِمْ ظُلَلٌ مِّنَ النَّارِ وَمِنْ تَحْتِهِمْ ظُلَلٌ ۭ ذٰلِكَ

پڌرو. انهن لاءِ مٿانئن ڪڪر باهه جا هوندا ۽ سندن هيٺان به ڪڪر، انهيءَ سان

سندن مٿان باهه جون ڇٽيون ۽ سندن هيٺان به (اهڙا) وڇاڻا هوندا، اهو (عذاب) آهي،

يُخَوِّفُ اللّٰهُ بِهٖ عِبَادَهٗ ۭ يٰعِبَادِ فَاتَّقُوْنِ ﴿١٦﴾ وَالَّذِيْنَ اجْتَنَبُوا الطَّاغُوْتَ

ڊيڄاري ٿو الله پنهنجي ٻانهن ڪي، اي منهنجا ٻانهؤ پوءِ ڊڄو مون ڪان. ۽ جيڪي پري رهيا شيطانن ڪان

جنهن ڪان الله پنهنجن ٻانهن ڪي ڊيڄاري ٿو تنهن ڪري اي منهنجا ٻانهئو! مون ڪان ڊڄو. ۽ جن (ماڻهن) بتن جي پوڄا ڪرڻ

اَنْ يَّعْبُدُوْهَا وَاَنَابُوْٓا اِلَى اللّٰهِ لَهُمُ الْبُشْرٰى ۚ فَبَشِّرْ عِبَادِ ﴿١٧﴾ الَّذِيْنَ

جو انهن جي عبادت ڪن ۽ موٽيا پنهنجي الله ڏانهن انهن لاءِ خوشخبري آهي، پوءِ تون مبارڪ ڏي منهنجي انهن ٻانهن ڪي، جيڪي

ڪان پاسو ڪيو ۽ الله ڏانهن وريا تن لاءِ خوشخبري آهي، پوءِ (اي پيغمبر!) منهنجن انهن ٻانهن ڪي خوشخبري ڏي. جيڪي

يَسْتَمِعُوْنَ الْقَوْلَ فَيَتَّبِعُوْنَ اَحْسَنَهٗ ۭ اُولٰۗىِٕكَ الَّذِيْنَ هَدٰىهُمُ اللّٰهُ

ٻڌن ٿا ڳالهه پوءِ هلن ٿا ان مان سٺيءَ تي، اهي ئي آهن جن ڪي هدايت ڪئي الله

ڳالهه ٻڌندا آهن، پوءِ ان مان تمام چڱيءَ تي هلندا آهن. اِهي (اهي) آهن جن ڪي الله هدايت ڪئي آهي

وَاُولٰۗىِٕكَ هُمْ اُولُوا الْاَلْبَابِ ﴿١٨﴾ اَفَمَنْ حَقَّ عَلَيْهِ كَلِمَةُ الْعَذَابِ ۭ

۽ اهي ئي عقل وارا آهن. ڇا پوءِ اهو جنهن تي ثابت ٿيو حڪم عذاب جو.

۽ اهي ئي عقل وارا آهن. ڀلا جنهن تي عذاب جو حڪم ثابت ٿيو (سو بچي سگهندو ڇا؟) تون باهه ۾

اَفَاَنْتَ تُنْقِذُ مَنْ فِي النَّارِ ﴿١٩﴾ لٰكِنِ الَّذِيْنَ اتَّقَوْا رَبَّهُمْ لَهُمْ غُرَفٌ مِّنْ

ڇا پوءِ تون ڇڏائيندين ان کي جيڪو باهه ۾ آهي؟ پر اهي جيڪي ڊڄن ٿا پنهنجي رب ڪان انهن لاءِ آهن ماڙيون جن جي

پيل کي ڇڏائي سگهندين ڇا؟ پر جيڪي پنهنجي پالڻهار کان ڊنا تن لاءِ وڏيون ماڙيون آهن.

فَوْقِهَا غُرَفٌ مَّبْنِيَّةٌ ۙ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ڛ وَعْدَ اللّٰهِ ۭ لَا يُخْلِفُ

مٿان آهن ماڙيون ٺهيل، وهن ٿيون انهن جي هيٺان واهيون، اهو الله جو وعدو آهي، نه ٿو ڦيرائي

انهن جي مٿان (ٻيون) ماڙيون اڏيليون آهن، انهن جي هيٺان نهرون وهنديون آهن الله (اهو) انجام ڪيو آهي،

اللّٰهُ الْمِيْعَادَ ﴿٢٠﴾ اَلَمْ تَرَ اَنَّ اللّٰهَ اَنْزَلَ مِنَ السَّمَآءِ مَآءً فَسَلَكَهٗ يَنَابِيْعَ فِى

الله وعدي كي. چانه ڏٺو تو بيشڪ الله وسايو آسمان کان پاڻي پوءِ وهايائين ان کي چشما ڪري

الله انجام نه ڦيرائيندو آهي. نه ڏٺو اٿيئي ڇا؟ ته الله آسمان کان پاڻي وسايو، پوءِ اُن کي زمين جي چشمن ۾ وهايائين،

الْاَرْضِ ثُمَّ يُخْرِجُ بِهٖ زَرْعًا مُّخْتَلِفًا اَلْوَانُهٗ ثُمَّ يَهِيْجُ فَتَرٰىهُ مُصْفَرًّا

زمين ۾ پوءِ ڪڍي ٿو انهيءَ سان پوک رنگارنگي پوءِ تيار ٿي اچي پوءِ ڏسندين ان کي هيڊو

وري ان سان قسمين قسمين رنگ جي پوک ڄمائيندو آهي، وري سڪي ويندي آهي، پوءِ ان کي زردو ٿيل ڏسندو آهين،

ثُمَّ يَجْعَلُهٗ حُطَامًا ؕ اِنَّ فِىْ ذٰلِكَ لَذِكْرٰى لِاُولِى الْاَلْبَابِ ﴿٢١﴾ ع اَفَمَنْ

پوءِ ڪري ٿو ان کي پورا پورا، بيشڪ انهيءَ ۾ نصيحت آهي عقلمندن لاءِ ڇا پوءِ جنهن جو

وري ان کي ذرا ذرا ڪندو آهي. بيشڪ اِن ۾ عقل وارن لاءِ نصيحت آهي. ڀلا جنهن جو سينو (دين) اسلام لاءِ

شَرَحَ اللّٰهُ صَدْرَهٗ لِلْاِسْلَامِ فَهُوَ عَلٰى نُوْرٍ مِّنْ رَّبِّهٖ ؕ فَوَيْلٌ لِّلْقٰسِيَةِ

کولي الله سينو اسلام لاءِ پوءِ اهو روشني تي آهي پنهنجي پالڻهار کان، پوءِ ويل آهي انهن لاءِ جن جون

الله کوليو آهي ۽ اهو پنهنجي پالڻهار جي نور (جي سوجهري) تي هجي (سو سخت دل وارن ڪافرن جهڙو ٿيندو ڇا؟) پوءِ انهن لاءِ ويل آهي،

قُلُوْبُهُمْ مِّنْ ذِكْرِ اللّٰهِ ؕ اُولٰٓئِكَ فِىْ ضَلٰلٍ مُّبِيْنٍ ﴿٢٢﴾ اَللّٰهُ نَزَّلَ اَحْسَنَ

دليون سخت آهن ياد الله جي کان، اهي گمراهي پڌري ۾ آهن. الله نازل ڪئي ڀلي

جن جيون دليون الله جي ياد ڪرڻ کان سخت (ٿيون) آهن، اهي پڌريءَ گمراهيءَ ۾ آهن. الله تمام چڱي ڳالهه (يعني) اهڙو ڪتاب نازل ڪيو

الْحَدِيْثِ كِتٰبًا مُّتَشَابِهًا مَّثَانِىَ ۖ تَقْشَعِرُّ مِنْهُ جُلُوْدُ الَّذِيْنَ

ڳالهه قرآن جي پاڻ ۾ ملندڙ وري وري آندل جو ڪانڊارجي ٿي ان کان لُونءَ انهن جي

جو هڪ ٻئي جهڙا، (سندس مضمون) دهرايل آهن، ان (جي پڙڻ) کان انهن (ماڻهن) جون کلون ڪانڊاريون آهن، جيڪي

يَخْشَوْنَ رَبَّهُمْ ۚ ثُمَّ تَلِيْنُ جُلُوْدُهُمْ وَقُلُوْبُهُمْ اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ ؕ

جيڪي ڊڄن ٿا پنهنجي رب کان پوءِ نرم ٿين ٿيون کلون انهن جون ۽ دليون انهن جون الله جي ذڪر ڏانهن،

پنهنجي پالڻهار کان ڊڄندا آهن، وري سندين کلون ۽ سندين دليون الله جي ياد ڪرڻ تي ڪنئريون ٿينديون آهن.

ذٰلِكَ هُدَى اللّٰهِ يَهْدِىْ بِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ؕ وَمَنْ يُّضْلِلِ اللّٰهُ فَمَا لَهٗ

اها آهي واٽ الله جي هدايت ڪري ٿو ان سان جنهن کي چاهي، ۽ جنهنکي گمراهه ڪري الله پوءِ ناهي انهي لاءِ

اها الله جي هدايت آهي جنهن کي گهري (تنهن کي) اُن سان واٽ ڏيکاري ٿو ۽ جنهن کي الله گمراهه ڪري، تنهن کي ڪو

مِنْ هَادٍ ﴿٢٣﴾ اَفَمَنْ يَّتَّقِىْ بِوَجْهِهٖ سُوْٓءَ الْعَذَابِ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ ؕ وَقِيْلَ

ڪوبه هدايت ڪندڙ. ڇا پوءِ ڪوبه بچائيندو پنهنجي منهن کي بري عذاب کان قيامت ڏينهن؟ ۽ چيو ويندو

هدايت ڪندڙ ڪونهي. ڀلا جيڪو قيامت جي ڏينهن پنهنجي منهن سان بڇڙي عذاب کي روڪي ٿو (سو ڇڙل جي برابر ٿيندو ڇا؟)

لِلظّٰلِمِيْنَ ذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَكْسِبُوْنَ ﴿٢٤﴾ كَذَّبَ الَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِهِمْ

ظالمن کي چکو جيڪو توهان ڪمائيندا هئا. ڪوڙو ڪيو انهن جيڪي انهن کان اڳ هئا

۽ ظالمن کي چئبو ته جيڪي ڪندا هيؤ (تنهن جي سزا) چکو. جيڪي کانئن اڳ هئا تن به ڪوڙ ڀانيو (هو)

فَاَتٰىهُمُ الْعَذَابُ مِنْ حَيْثُ لَا يَشْعُرُوْنَ ﴿٢٥﴾ فَاَذَاقَهُمُ اللّٰهُ الْخِزْيَ

پوءِ آيو انهن ڏانهن عذاب اتان جو ڪين پتوئي نه پيو. پوءِ چکائي انهن کي الله خواري

پوءِ وٽن اتان عذاب پهتو، جتان ڄاڻندا ئي نه هئا. پوءِ الله ڪين دنيا جي حياتيءَ ۾ خواري

فِي الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا ۚ وَلَعَذَابُ الْاٰخِرَةِ اَكْبَرُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٦﴾

دنيا جي حياتي ۾، ۽ عذاب آخرت جو تمام وڏو آهي، جيڪڏهن اهي ڄاڻن ها.

چکائي ۽ بيشڪ، آخرت جو عذاب (ته) تمام وڏو آهي، جيڪڏهن (اها ڳالهه) ڄاڻن ها (ته پاڻ کي

وَلَقَدْ ضَرَبْنَا لِلنَّاسِ فِيْ هٰذَا الْقُرْاٰنِ مِنْ كُلِّ مَثَلٍ لَّعَلَّهُمْ

۽ بيشڪ بيان ڪياسون ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾ سڀ مثال ته من اهي

عذاب کان بچائين ها!) ۽ بيشڪ، ماڻهن لاءِ هن قرآن ۾ هر قسم جا مثال بيان ڪياسون، ته

يَتَذَكَّرُوْنَ ﴿٢٧﴾ قُرْاٰنًا عَرَبِيًّا غَيْرَ ذِيْ عِوَجٍ لَّعَلَّهُمْ يَتَّقُوْنَ ﴿٢٨﴾

سمجهن. قرآن آهي عربي ۾ بنا ورو ڪڙ جي ته من اهي بچن.

مَن اهي نصيحت وٺن. قرآن عربي (ٻوليءَ ۾) بي عيب (نازل ڪيوسون) ته مَن اهي ڊڄن.

ضَرَبَ اللّٰهُ مَثَلًا رَّجُلًا فِيْهِ شُرَكَآءُ مُتَشٰكِسُوْنَ

ٻڌايو الله مثال هڪ ماڻهوءَ جو جنهن ۾ ڪيترائي ڀائيوار هجن تڪرار ڪندڙ

الله مثال بيان ٿو ڪري ته هڪ ٻانهو جنهن ۾ (گهڻا) بدمزاج (مالڪ) ڀائيوار آهن ۽ (ٻيو)

وَرَجُلًا سَلَمًا لِّرَجُلٍ ۭ هَلْ يَسْتَوِيٰنِ مَثَلًا ۭ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ ۚ

۽ ٻيو ماڻهو سارو هڪ شخص لاءِ، ڇا اهي ٻئي برابر آهن مثال ۾، سڀ تعريف الله جي آهي،

ٻانهو خالص هڪڙي مڙس جي ملڪيت آهي، مثال ۾ اهي ٻئي (ٻانها) برابر ٿيندا ڇا؟ سڀ ساراهه الله ئي کي جڳائي،

بَلْ اَكْثَرُهُمْ لَا يَعْلَمُوْنَ ﴿٢٩﴾ اِنَّكَ مَيِّتٌ وَّاِنَّهُمْ مَّيِّتُوْنَ ﴿٣٠﴾

پر ڪيترائي انهن جا نه ٿا سمجهن. بيشڪ توکي مرڻو آهي ۽ اهي به مرندا

پر انهن مان گهڻا نه ڄاڻندا آهن. (اي پيغمبرا) بيشڪ، تون (به) مرندين ۽ بيشڪ اهي (به) مرندا.

ثُمَّ اِنَّكُمْ يَوْمَ الْقِيٰمَةِ عِنْدَ رَبِّكُمْ تَخْتَصِمُوْنَ ﴿٣١﴾ ع

پوءِ بلاشڪ توهان قيامت ڏينهن رب پنهنجي وٽ جهڳڙو ڪندؤ.

وري بيشڪ، اوهين قيامت جي ڏينهن پنهنجي پالڻهار وٽ پاڻ ۾ جهڳڙو ڪندؤ.

وقف لازم

ع ٣ ١٠ ١٧

